شبنمی قطرہ

اندرا شبنم

شبنمي قطرا

اندرا پونا والا "شبنم"

9B, Mayurbon Apartments,
1100, Shivaji Nagar, Model Colony,
Pune 411 016. Phone : 342825

قيمت ٢٥ رپيا

Publication February 1991

Published by ARMEC SINDHI SAHITYA PRACHAR YOJANA
by Shri B. D. Harani
213, M. G. Road, Pune 411 001. Phone : 662744

ارپيان ٿي

"ڏڪڙن" کي

جن اها ڏات ڏني.

اندرا "شبنم"

25/7/2008

Printed by Shri Parwani Tej G. B. Sc. at Liberty Pres,
661, Taboot Street, Pune 411 001. Phone : 662773

ڪجھ مان به چوان ؟

شڪرگذار آهيان "آرڪ" وارن جي جن منهنجين لکڻين کان لکيل ٽڙيل پکڙيل رچنائن کي هڪ ڪتاب جي روپ ۾ ڇپايو ۽ قدردانن وٽ پهچائڻ ۾ مدد ڪئي.

شڪرگذار ۽ قسمت واري به جو، سرڳواسي نارائڻ شيام جهڙي عظيم ۽ حليم شاعر جنهن منهنجين ڪجهه رچنائن کي اصطلاح ڏنو ۽ اُن کان پوءِ دادا "دلگير" جن منهنجي شاعري فن کي سنواريو.

شري ارجن "حاسد" جن بار بار مونکي همٿايو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساراهيو به. شري "ايل ڪمل" صاحب جن کي مون تمام ٻاراڻي عمر ۾ پنهنجو پهريون لکيل غزل ڏيکاريو هو ۽ اڄ هن صاحب غزل جي فن جي باري ۾، تمام ملهائتي ڄاڻ ڏني.

شڪرگذار آهيان پنهنجن ساٿين، سڀني بزرگن ۽ پنهنجن ٻارن جي به جن مونکي همٿايو ۽ وقت به وقت صلاحون ڏنيون.

گهڻي ۾ گهڻي عنايت آهي اُن شخصيت جي، جا منهنجي پريرڻا آهي. جنهن جي مهرباني، منهنجين رچنائن ۾ جهلڪي ٿي.

اندرا "شبنم"

مهاڳ

مشهور اُردو شاعر فراق گورکپوريءَ جي هڪ سٽ آهي:

دل ۾ اڇا برا ڪوئي غم هو

غم سان مطلب صرف غم يا ڏک ئي ناهي پر ڏک جو احساس به آهي. دل به سچ ته اُها آهي جنهن ۾ غـم هجي، غم جو احساس هجي. ٻئي جو غم اُهوئي محسوس ڪري سگهندو جيڪو پاڻ غم مان گذريو هوندو. ٻئي جو ڏک درد به اُهوئي ڏسي سگهندو جنهن پاڻ سوُر سٺو هوندو.

خوشيءَ جي اُمنگ کان غم جو پاءُ وڌيڪ گهرو ٿيندو آهي. خوشيءَ ۾ انسان پاڻ کي ٻين سان گڏ ۽ غم ۾ پاڻ کـي اڪيلو محسوس ڪندو آهي. غم جو انڀؤ کيس زندگي گنڀيرتا سان وٺڻ سيکاريندو آهي ۽ انساني رشتي ناتي جي پهڇاڻائي ڏاريائي يا دوري نزديڪي ڏيکاريندو آهي. ڪڏهن اهو احساس اظهار ٿي پنهنجو سور سليندو آهي -

اڄ وري شمشان جي ياد پيئي اچي،
ها ٻڌو ۽ ڏٺو اٿم
جڏهن آتما ديهه کي تياڳيندي آهي
اُن کي اُتي جلايو ويندو آهي
هن سنسار ۾ ڪي اهڙا انسان آهن
جن کي جيئرو پيو ليکيو ۽ ڪونيو وڃي
اُن انسان جي ديهه ڪٿي ته آتما ڪٿي
ديهه آتما کان سواءِ
دنيا جي پيڙ ۾ پئي ٻٽڪي، ڏکجي

هيءَ ذات ڏکڙن جي

هيا زخم ڌرتيءَ جا نظرن جي سامهون،
اسان ته به ڪڏيون، چنڊ تارن جون ڳالهيون.

اندرا پونا والا "شبنم" نهايت ئي حساس، ڏکڻي دل ۽ محجوب طبيعت جي مالڪڻ آهي. هر فنڪار جيان هن جو پٽ به پٿريلو رهيو آهي، پر هن لاءِ گيت سريلا ۽ سر دردِيلا رچيا آهن.

ڪويتائن جي هن پهرئين سنگره ۾ "شبنم" جا هي قطرا هيرن جي ڪڻين مثل صاف آهن. اُهي اڄ جي تنها انسان جي ٽاڪڻن دل جي سناٽي جو احساس ڪرائي، اسانجو جيءُ جهورين ٿا.

ڪويتا ٻيو آهي ڇا؟ چارڻ چٽڪ چڙيشو، ٻين جو جيءُ جهوريشو، پاڻ نه روئي، ٻين کي روئاريشو.

پرائي پيڙ کي پنهنجو بڻائي، ڪنهن پيل دل جا ڳاريل ڳوڙها ئي ڪيس سهرديتا جو پاٺ پڙهي انسان کي انسان بڻائين ٿا.

هونءَ اڄ جي هن لاشعور، سنگدل دنيا جا عطا ڪيل عذاب سهي سهي، انسان جي اکين ڪان روئڻ به وسري ويو آهي. سندس دل جي جذبن ۽ احساسن جو، يعني سونهن سوڀيا جو سر چشمو سڪي ويو آهي. پٿر پٿر بڻجي ويل انسان کي هڪ شاعر ئي پگهاري سگهي ٿو، جنهن پنهنجي اندر ۾ زندگيءَ جي سموري سونهن، سچائي ۽ سهرديتا جو امرت ڪلش سانڍي رکيو آهي.

اندرا پونا والا "شبنم" به اهڙي ئي هڪ باشعور، بااحساس شاعرا آهي جنهن هلاهل پاڻ پيتو آهي ۽ امرت ٻين لاءِ مهيا ڪيو آهي.

لکمي کلاڻي

مان پنهنجيون رچنائون
گهڻو ڪري زندڳي ۾ رچيندي آهيان
ڇاڪاڻ ته
زندگيءَ جو گهڻو عرصو اُتي گذاريندي آهيان.
ڀاڄيون ويهندي، مٽر ڇليندي
مصالحن جي ميڙ، روٽين جي گهير ۾
ڪجهه ويچار
ڪٽڪ جي دٻي ۾ پيل ڊائري
حقيقت پيٽ آهي
اُن پيٽ جون بکون، لاچاريون، لڙايون
منهنجين رچنائن ۾
کنڊ جي مٺاڻ، مرچ مصالح جي تکاڻ
لوڻ جي کاراڻ
روٽيءَ جو آڪار
پيٽ ڀرڻ جو احساس ٿيندو آهي.
(زندڳي ۾ رچيل رچنائون)

پيار ٻن پريمين جو رومانوي پشتو آهي. جنهن ۾ سپني جي مڌرتا آهي. پيار جي نوڪر ۾ ڪٺورتا ٿيندي آهي جيڪا جيون ۾ محض جذبات سان نه پر حساب ڪتاب سان هلڻ سکاريندي آهي -

جيون مائينس (—) ۾ هلي رهيو هو
پوپٽ جي ڪچن رنگن وانگر
پرين جي سونهري سپني وانگر
توسان مليس، نوڪر ڪاڌي
جيون جي حساب ڪتاب سکڻ جي پرتگيا ڪئي
بس شروع ٿي وئي ٻڪ ٻوڙ

ڪاش اُن جيڏري ڏيهه کي ٻه
اگهي نصيب ٿئي
مڪتي ملي ان پنڪڻ کان.

(اڄ وري)

ڪڏهن هو مجبور من سان اهو سور سلڻ جي بدران آلڻ چاهيندو آهي-

اڄ جو انسان ڇو مجبور آهي
جذبن کي اظهارڻ کان ؟
شخصي زندگيءَ جي فڪرن هيٺ
سڀ ڪجهه دفن
پنهنجي سُور ساڻيڻ (؟) لاءِ هر دل آتي آهي
پر سلڻ بدران آرٽ سکيوسين آلڻ جو،

(سلڻ جو سڪ)

غم جا روپ انيڪ آهن، سُور جون سؤ صورتون آهن. پر پوءِ به سُور سهڻ وارن ۾ هڪ سمانتا ٿيندي آهي. غم سان پنل، ڏک ۾ ڏکڻي دل! تڏهن ئي ته پنهنجو غم ٻئي تائين پهچائي ۽ ٻئي جو غم پنهنجو ڪري سگهبو آهي. غم جو وجود ڀلي شخصي هجي مگر اُن جو اثر عالمگير ٿيندو آهي.

(پيار)

پيار جي شادي، استري پرش جو سنبنڌ، نوڪري ۽ گهر گرهستي، انهن سڀني ۾ درپيش ايندڙ دقت، دشواري يا درد هرڪنهن جو شخصي آهي پر اهو شخصي احساس جڏهن ڪا نوڪري ڪندڙ ۽ گهر گرهستي سنڀاليندڙ ليکڪا اظهاري ٿي ته ڪيترين عورتن کي زندگيءَ جي ساڳين حالتن مان گذرندي جڻ پنهنجو انيؤ بيان ٿيندو محسوس ٿيندو.

لکڻ جي گهٽيءَ منجهان لنگهيس سال ٿي ويا
ٻو يادگيري دل منجهان نڪتي وئي نه آ.

...   .

دوستي ڪنهن سان ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي
ڪنهن تي وشواس ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي
ڦهلجي زهر فضائن ۾ ويو
هاڻ خود ساهه کڻڻ ۾ ڊپ ٿئي.

سنڌي ساهت جي اڄ جيڪا قياس جوڳي حالت آهي اُن ۾ ڪنهن نئين ليکڪ / ليکڪا، شاعر / شاعرا جو پيدا ٿيڻ هڪ ڪارنامو نه بلڪ ڪرامت آهي. ڪجهه نوان ليکڪ / شاعر اُڀريا آهن جن مان ڪي ته ڪافي سٺو ٿا لکن.

لکڻ جي ڪلا لکڻ سان اُسي وڌندي، سڌرندي ۽ اوج تي رسندي آهي. ترڻ اهوئي سکندو آهي جيڪو پهرين پاڻيءَ ۾ گهڙندو آهي ۽ ترندي ترندي ترڻ جا داوَ پيچ سکندو آهي.

اندرا جي هيءَ پهرين شعري پيشڪش آهي ۽ آجيان لائق آهي. مونکي اميد آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ سندس قدم اڳتي ۽ اڃا به اڳتي رهندو.

ڪرشن راهي

زندگيءَ ۾ واڌو (+) ڪرڻ ۽ ضرب (X) جي.
(حساب ڪتاب)

اندرا پونا والا يعني اندرا ”شبنم“ کي مان شخصي طور نہ سڃاڻان. ڪيس ڏٺو بہ ڪين اٿم. مگر سندس ڪلام مان لڳي ٿو تہ وٽس هڪ حساس ۽ ڏکڻي دل آهي. هوءَ جيڪو ڪجهہ لکي ٿي سو هتان هتان کڻي يا بدل بدايل اپنائي نہ ٿي، بلڪ پنهنجي زندگيءَ جي نجي انڀؤ کي اظهاري ٿي. ان انڀؤ جي سچائيءَ جي ڪري ئي سندس اظهار ۾ هڪ اهڙي گهرائي آهي جو ڪٿي ڪٿي لفظن جو جرڻ چل - چتر چٽي ٿي وڃي.

چهرا مڪاريءَ، عياريءَ، خوشامند سان ڀريل
اڪين اڳيان هوندا آهن
انهن چهرن کي پسڻ سان ئي
وات جو سواد ڪؤڙو ٿي پوندو آهي
من چاهيندو آهي سورداس ٿجي
وقت بہ وقت، پيڙ ۾ ميڙ ۾
اڪيون بند ڪري ڪجهہ ساتوڪي چهري
جي ڪلپنا ڪري ساتوڪي سک ماڻجن،
ماڻهو چون هيءَ تہ نندا ڪڙي آهي
سڄو وقت پيٺي نندون ڪري.

غزل شاعريءَ جي پراڻي صنف آهي. چاڪاڻ تہ روايتي شاعريءَ جو نمونو آهي ان ڪري غزل جي کي ٽيڪنيڪي ضرورتون ۽ پابنديون آهن جن ۾ سڀ کان اهم آهن وزن ۽ قافيو. اندرا جي غزل ۾ ڪٿي ڪٿي اهي عيب نظر اچن ٿا، البت ڪٿي ڪٿي خيالن جو سنو جهلڪو بہ ملي ٿو -

تنهنجن خطن جا ٿي ويا ڏنڌلا اکر هينئر
خوشبو مگر خطن مجهان گهٽجي وئي نہ آ

هري دلگير جو سنديش

ڄذبات جو ٻيو نالو آهي اندرا ٻونا والا. لکندي به جذبات سان آهي ته ساهتڪ ڳوشٽين ۾ پنهنجون رچنائون پڙهندي به اتساهه ۽ امنگ سان آهي. سندس جذبات سمنڊ جي ڇولين وانگر آهي ۽ من جي موجن لاءِ ڪو به قانون ڪونهي ڪا به بندش ناهي. ڪيس سيڪجهه نئون کپي. پراڻن پيچرن تان هلڻ لاءِ هوءَ تيار ڪانهي. نئين زندگيءَ لاءِ سفر جي تلاش ۾، سندس سفر جڻ ته ڪولمبس جو سفر آهي. پنهنجيءَ نئين دنيا ۾ به هوءَ نون ويچارن، نون سوچن، نون لفظن نئين انداز ۽ نئين اظهار لاءِ هوءَ ڳولا جاري رکي ويٺي آهي :-

ڪجهه ان طرح سان سوچي لکان، جو نئون هجي،
۽ اهڙي ڍنگ سان چوان، جو نئون هجي.
(يا) نيون ڳالهيون، نئون آواز کپي،
نئون انداز ۽ اعزاز کپي.
(يا) انڌيرو ويو وڌي انسان کي،
امر جوت آخر مان آڻيان ڪٿان.

هوءَ اوندهه ۾ ڪائي نئين جوت جڳائڻ چاهي ٿي. پر "نئين" جي تلاش آسان ناهي، سو به خاص ڪري گهريلو استريءَ لاءِ. هن کي ادبي عيش لاءِ فرصت ئي ڪٿي آهي؟ رڌڻي ۾ ڪوتائون لکندي، ڀاڄيون وڍيندي، مٽر ڇليندي، ڪنهن به اٽي سٽي پني تي هوءَ ڪوتائون لکي رچناتمڪ سنتوش ماڻي ٿي. ائين ڪندي ڪندي ڪانئس وزن وسري ٿو وڃي ۽ بحر بيحال ٿي پوي ٿو. ڪنڊ جي مٺاڻ، مرچ مصالح جي تکاڻ ۽ لوڻ جي

دل کنھن انوکي حال مان گذري رھي آ ج،
آگر کي منھنجي موڙي، ھو ھٿ کي ڇھي ويو،
دل منھنجي ڇا گھري ٿي؟ ڇو ڌڙکي رھي آ اڄ.

يا

تنھنجن خطن جا ٿي ويا ڍنڍلا اکر ھدءِ ر،
خوشبو مگر خطن منجھان گھٽجي وئي نہ آ.

ظاھر آھي تہ ھي ڪوتائون ڪنھن شاعر جون نہ، پر ڪنھن شاعرا جون رچنائون آھن، جن ۾ نازڪ نفيس ڀاونائون آھن ۽ پيار ڇلڪي رھيو آھي. ڇوڙ جو انداز دلڪش آھي. وزن بہ آھي، قافيا بہ آھن ۽ رديف بہ سھڻا آھن. ھن مجموئي ۾ اھڙيون ٿيھارو کن ڪوتائون آھن جي فن جي ڪسوٽيءَ تي کريون ثابت ٿين ٿيون، توڙي بين ڪوتائن ۾ ڇند جو بند ٽٽي ٿو پوي، قافين جو قيد بہ ڍيرو پوي ٿو ۽ لفظ بہ مروٽجي سروٽجي وڃن ٿا. پر جذبات جي گھڙين ۾ ائين ٿيندو ئي آھي. جذبات ئي رچنا جو روح آھي، روح بنا بدن بيڪار بوتو آھي.

اندرا کي بين کن مضمونن بہ ڪشش ڪئي آھي، جن ۾ سماجڪ نياءُ، بلڪ ماڪيت، سوشلزم وغيره بہ آھن. ھرھڪ وشيہ ۽ ويچار کي ھن ساھتڪ سطح تي ئي پيش ڪيو آھي. مثال طور:-

گھمنڊ، ڦرنڊ جيئڻ ماڻھن لاءِ نہ ڪو جذبو آ،
پر پيجان، سماڌيون، پٿر پوڄائڻ ويني آھيان.
جڳہ ۾ کن لاءِ سانده فاقا، ويلو ويلو مشڪل آ،
شراڌ بلي کن پيٽوڙين کي کارائڻ ويني آھيان.

يا

دروپدي، چير ھرڻ، دريوڌن،

ڪارڻ سندس ڪوتائن ۾ پرجهي وڃي ٿي. شايد ان ڪري ئي سندس ڪوتائون ڇهريون ۽ چشڪيدار آهن.

هوءَ استرين جي حقن لاءِ لڙندڙ، هڪ باغي شاعرا آهي، استري ويچاري يا ابلا ناهي. انهن شبدن لاءِ اندرا کي نفرت آهي. استريءَ جي عظمت ۽ اوچي قد اڳيان پرش پاڻ کي جامڙو پيو سمجهي ۽ ان ڪري ڪيس مٿي ابرڻ کان روڪي ٿو. هن ڳالهه جو هن کي پورو پتو آهي، هن لاءِ گهوٽ هٽلر وانگر ڊڪٽيٽر آهي ته پت به گهٽ تاناشاهه ناهي.

اڄ ڪان وٺي پارت ۾ ماءُ ڌيءُ کي اپديش ڏيندي آهي ته پتني ڪنهن به حالت ۾ ساهرڙو گهر نه ڇڏي، سندس ارٿي اتان ئي نڪرڻ گهرجي. هي رواج پشت به پشت هلندو پيو اچي. اندرا کي اهڙين ڳالهين کان ڪراهت ٿي اچي. ساهرا لالچ ۾ اچي ڪومل ڪلين کي جيئري جلائي رکي ٿا ڪن ۽ پوءِ ائڪسڊينٽ ڪري رودن ٿا مچائن. اهڙن کي شاعرا ائڪسڊينٽ ۾ نئشنل اوارڊ ڏيارڻ ٿي چاهي. اهڙن عيارن ۽ مڪارن کي ڏسي سندس وات جو ذائقو ئي خراب ٿي پوي ٿو ۽ زندگيءَ جو تيزاب کيس جلائڻ ٿو لڳي. ڪا به شادي ڏسي ٿي ته کيس ڊپ ٿو ويڙهي وڃي ته هيءَ نئين ڪنوار به متان جيئري جلائي وڃي.

حقيقتن جي پٿريلي ۽ ڪنڊن سان ڀريل راهه تان هوءَ چنڊ، تارن ۽ گلن تي ڪوتائون لکڻ نه ٿي چاهي. پر ان هوندي به سندس دل پيار ۾ پنل آهي:-

چنري هوا ۾ اي سکي اڏري رهي آ اڄ،
منهنجن هٿن مان دل به جو نڪري رهي آ اڄ،
چوڙين ڇنل مان گيت پيا پيار جا وڄن،

سڄاڳه پاڻڪ وٽان

ڀيڻ اندرا پونا واري پوني مان ٽيليفون تي چيو: منهنجو پهريون ڪوتائن جو مجموعو ڇپجي، اوهين جيڪر اُن لاءِ پنهنجو سنيهو نه موڪليو! مون چيو: ڀيڻ اوهين مون کي پنهنجين ڪوتائن جو رس وٺڻ ڪانسواءِ، سنيهو موڪلڻ جي طلب نٿا ڪريو. اهو رسمي ٿيندو ۽ اوهان جي مجموعي جي شوڀا نه وڌائيندو. هن جي آواز اڃا به هڇڪ هئي: پر منهنجون رچنائون ته...! مون چيو: اُن جو اوهين فڪر نه ڪريو. رچنائون پاڻيهي مون سان ڳالهائينديون....

”شبنمي قطرا“ غزلن ۽ آزاد نظمن جـو ڪجهه ڇپيل مواد منهنجي هٿ ۾ آهي. مان هنن رچنائن کي هڪڙي سڄاڳ پاڻڪ جي حيثيت ۾ هڪڙي ئي نشست ۾ پڙهي آنند ماڻيو آهـي. ونڊ-ڪٽ ڪرڻ جو نه ارادو ۽ نه ئي ضرورت محسوس ڪيم. من جي موج مون کي پاڻ سان پهرين صفحي کان آخرين صفحي تائين وٺي ويئي.

چاهيندي نه چاهيندي ڪي تاثرات ته اڀريا. سياويڪ هو.

جڏهين، ڪڏهين ائين ڪنهن اديب کي سنڌي ساهت جي افق تي ڪڙندو ڏسبو آهي ته يقين اڃـا به پڪو ٿيندو آهي ته ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي شمع ٻرندي رهندي. ۽ جـي اهڙو اديب هـڪ استري ۽ سا به شاعرا هجي ته خوشيءَ سان گڏ فخر جو احساس اڃا به سرس ٿي پوندو آهي. سنڌي جاتيءَ ۾ استرين ۾ شاعريءَ جو شؤق ۽ تصور جي اُڏام، مان ته ائين پيو سمجهان ته سنڌي ادب ۾ هڪ اهم خال جي پورتي ٿي رهي آهي ۽ اسان جي استري سماج جي رواجي بندن کي پار ڪري ذهني سطح

سڀيئي ڪي سات ڏيڻ ۾ ٻڌي ٿئي،
ٻرگه، ڪٿنسر، چڙا ۽ آنتڪواد،
اهڙي جڳ منجهه رهڻ ۾ ٻڌ ٿئي.

يا

جت نوٽن جون ٿيلهيون آهن، اُت ووٽن جو مينهن،
ڇم ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن.

پر انهن بغاوتي ويچارن جي باوجود، هوءَ استري آهي ۽ ڪيس چوڙين سان بيحد چاهه آهي :-

تون قدرت جو رنگ انوکو، تہ بہ هي چوڙيون پاءِ،
رنگبرنگي چوڙيون پائي، رنگ سان رنگ سجاءِ،
مند مند سان، ويس ويس سان، چوڙين کي بدلاءِ،
ساوڻ ۾ ساوي، بسنت ۾ رنگ بسنتي پاءِ.

هيءَ نهايت ئي پياري ڪويتا آهي ۽ هر لحاظ کان سندر آهي اهڙيءَ طرح اندرا جي ڪوتائن ۾ ڪومل ڀاو، نازڪ خيالي ۽ انقلابي امنگ جو سندر سنگم آهي

هي سندس ڪوتائن جو پهريون سنگره آهي. اِجا تہ هيءَ پهرين ڪوشش آهي. اڳتي هلي هوءَ ساهتيہ جي سنسار ۾ پاڻ کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ چمڪائيندي، اهڙي اميد اٿم.

هري دلگير

قلم هلائي ٿي. نڊر ٻڻجي مڏي خارج روايتن کي ٽوڙڻ جو ساهس ٻڻ ڏاري ٿي.

آدرشي ڦاهن ۾ قاتل، اُف اڄ آهه سماج،
ڦاٿا ڦوڻ ۽ پاکنڊ ٻريا سڀ پنهنجا رسم رواج.
ان مان نڪري ويو وشواس ٻنڌ ڪريو پاکنڊ ٻري ٻڪواس.

... ...

هوندءِ نه منگهڻ ۽ مڇرن جان وجهو مري،
پنهنجو دشمن ڏسي، چوندءِ حق لاءِ لڙان.

تنهنڪري اندرا ڀارت جي ناري سماج جي حق ۾ آهي، سندس آزاديءَ جي حق ۾ آهي ته صدين جي گهڙيل رستي تان نه هلي پنهنجي لاءِ نئين ۽ روشن راهه ناهي. هاڻي هوءَ نازڪ ناري نه آهي. چوي ٿي: ڇا اڃا تائين ناري قيدڻ آ... هوءَ هڪ شريڪ ضرورت آ؟ اڄ ٻه هنو سماج جي اثر جو بيان ڪندي لکي ٿي:

پنيءَ ڪانپوءِ راجگديءَ تي وڻتو پٽ،
پٽ هن ڏي شوڪي نهاريو،
تن من هاءِ هن جو ڏري ويو،
ڪير چويتو هنلر مري ويو؟

نندڙي خط ۾ اندرا لکيو هو: مان ڌرتيءَ جي شاعرا آهيان. خيال منهنجي اندر ۾ ٻيهي ويو ۽ اهڙي ٻختائي تي فخر محسوس ڪيم. جنهين هيڙا خوبصورت شعر پڙهيم:

دنيا سان پيار منهنجو اکرين بيان ڪونهي،
ڌرتي مثال سندر، ٻيو ڪو جهان ڪونهي.

... ...

تي پڻ اڳتي وڌي آئي آهي. قدم مبارڪ! سوپ يقيني آهي.

ڪوتا رچڻ لاءِ مکيه طور ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي - هڪڙا آهن، جيون مان مليل احساسات ۽ ٻيو آهي تصور جي ٻرن تي اُڏام. اندرا وٽ ٻئي ڳالهيون آهن. سندس احساس ته جڻ پنهنجا نجا آهـــن. ڪهڙي نه سهڻنا ۽ سرلتا سان اهـڙي حقيقت کي اظهاري ٿي:

”حقيقت جي ٿهيل زندگي ۾ رچيل / منهنجين رچنائن ۾ / ڪنڌ جي منارڻ / مرچ مصالح جي ترڪارڻ / لوڻ جـــي ڪارارڻ / روٽيءَ جو آڪار / پيٽ ڀرڻ جو احساس ٿيندو آهي.“

پر جڏهين سندس غزلن يا آزاد نظمن کي پڙهجي ٿو ڪيترا ئي نازڪ جذبا ڇهي ٿا وڃن - دل ۽ ذهن کي لوڏين ٿا:

تنهنجي خطن جا ٿي ويا ڏندلا اکر هنگُرَ،
خوشبو مگر خطن منجهان گهٽجي وئي نه آ.

...   .

جيڪڏهين عرش ڏي پرواز ڪجي،
ڪانو ڪبوتر نه، شهباز ڪجي.

هڪڙي ڳالهه جيڪا خاص متاثر ٿي ڪري، سا اها ته اندرا جي شاعري روايتي رنگ جي بلڪل ڪانهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪوتائن کي ڇڏي سندس سڀ موضوع اڄ جي نئين ماحول ۽ انسان جي اڻوکين استٿين جي ترجماني ٿا ڪن. هوءَ ڪنهن به مسئلي يا جذبي کي ڇهڻ کان ڇرڪي ڪانه ٿي. هڪڙي طرف استرائيڪ ڪندڙن جون آنسون ته ٻئي طرف زندگيءَ جي بدصورتي ته ٽئين طرف ”پلاسٽڪ يگ ۾ پلاسٽڪ مسڪان“، ته چوٿين طرف استريءَ جو پنهنجو سؤ ايمان - ڪنهن به وشيه تي بيباڪي ۽ تازگيءَ سان

اندرا .

مونکي اِهو ڄاڻي بيحد خوشي ٿي ته تنهنجون رچنائون ”آرمبڪ“ دئاران مجموئي جي صورت ۾ شايع ٿي رهيون آهن.

تنهنجي رچنائن ۾ مونکي تازگي، نواڻ ۽ خيالن جي اُڏر ڪافي متاثر ڪندي آهي، تنهنجي دل جا اُدما صداقت سان انهن مان جهلڪندا نظر ايندا آهن.

مونکي اُميد ئي نه، پڪ آهي ته تنهنجي من وسندڙ اديبا جهڙو توءِ تڏهن اڳيان بهتر نموني نکري نروار ٿيندي رهندي. اڳتي، اڳيان اڳتي.

منهنجون شڀ ڪامنائون توسان آهن.

سڪ سنيهه مان،
گوبند مالهي

شاعرا ”شبنم“ جي دل جي نچوڙ مان نڪتل آهن هي ”**شبنمي قطرا**“ جي گهڻو ڪري (Subjective) آهن، جن جو درجو خارجي (Objective) ڪان مٿائون ٿيندو آهي. هنس جيان اندرا به هرهندان گڻن جا گوهر گرهڻ ڪيا آهن. سياڻن صورت ڪان وڌ سيرت کي اهميت ڏني آهي، ”شبنم“ خيال جي گهرائيءَ کي عروضي اُڪن ۾ اُڙڪڻ کان آزاد رکيو آهي. سنڌي ادب ۾ هن ساهتڪ سوکڙيءَ جو خير مقدم ٿيندو اهڙي آشا اٿم.

پونو، **گوورڌن شرما ”گهايل“**
۲۸-۸-۱۹۹۰ع

ڌرتيءَ جي دلنوازي، سڀ مرڪ لڙڪ پيارا،
سکھ - ڏکھ جو ھھڙو سمنڊ، ٻيو ڪو مقام ڪونهي.

پر پوءِ به اڄوڪين حالتن جي ڪڙي حقيقت کان شاعرا بي-خبر ناهي. انسان ڪهڙي گهٽ ٻوساٽ ۾ پلجي رهيو آهي، تنهن کان هيءَ حساس دل شاعرا شعوري طور باخبر آهي ۽ ٻيوسيءَ جي احساس جو بار ڍوئي رهي آهي:

ڦهلجي زهـــر فضائن ۾ ويو،
هاڻ خود ساهه کڻڻ ۾ ڊپ ٿئي.
... ...
ڪو مرون آهه منش جي من ۾،
نانءُ انسان ٻڌڻ ۾ ڊپ ٿئي.

پهرين ههڙي شبنمي قطرا” سمنڊ رچنا لاءِ منهنجون شاعرا لاءِ دلي مبارڪون ۽ شڀ ڪامنائون.

ڪيرت ٻاٻاڻي

آزاد نظم

RS

A 1/B 37, Janakpuri
New Delhi - 110058
Date: 24.9.88

تيسي ڪاڪي پيتري،

اميد ته مالڪ جي مهر سان سڀ پريوار آنند ۾ هوندؤ.

تنهنجو خط ٣ آگسٽ جو لکيل پهتو. جواب سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ ڏيئي رهيو آهيان. دل ۾ سانڍيل تنهنجو ڏک ته گهڻو.

منهنجي بارن مون سان [illegible] تنهنجو ڪونه ڪيو، ڀاڄي هاڻي هڪ پوٽي [illegible] ساڙي [illegible] آهي تنهنجو خط پڙهي پوءِ بار بار [illegible] مزو اچي ويو.

[illegible] واپس موٽي رهيو آهيان. باقي [illegible] موڪلڻ لاءِ [illegible] موڪليندي ڪجهه. [illegible] ياد رکندس.

سڀني کي [illegible]

شيام

آزاد نظم

فهرست	صفحو نمبر
سلڻ جو سڪ	١
جامڙو	٢
زندگي ۽ رچيل رچنائون	٤
ويچاري	٦
دسهڙو	٧
حساب ڪتاب	٨
فيصلو	١٠
نعداڪڙي	١١
گيتا رهسيه	١٢
هماليه - دي - گريٽ	١٣
پردا	١٤
اسٽرائيڪ	١٥
نعمن جا پکيئڙا	١٦
ٻڌو اٿم	١٧
آزمودي جو آڪرشڻ	١٨
پرش جي دل	١٩
مرڪ	٢٠
پرمپراگت	٢١
بکاري	٢٢
يگ يگ کان	٢٤
پل جو پڇتاءُ	٢٥

ساڻ جو سڪ

اڄ جو انسان ڇو مجبور آهي،
جذبن کي اظهارڻ کان؟
ان مجبوريءَ جو نتيجو؟
بلڊ پريشر، برين هئمريج،
دل جو دورو، پاڳلپڻ، آپگهات.
هر ويچار سانڍي رکڻو،
مشيني يگ ۾ اهو ڪم آ سکڻو.
شخصي زندگيءَ جي فڪرن هيٺ،
سڀ ڪجهه دفن
جذبن تي پئجي چڪو آ ڪفن
ڪاش! ڪوئي طريقو هجي ها!
جذبن جي اظهارڻ جو،
پنهنجي سور سلڻ لاءِ هر دل آتي آهي
پر سلڻ بدران آرٽ سکيوسين الڻ جو.

فهرست

فهرست	صفحو نمبر
آواز ۽ واپار	٢٧
وڻ پکيئڙي پريت	٢٨
اگربتي	٢٩
رنگ منچ	٣٠
اچو ته ...	٣١
اڄ وري	٣٢
ڪولمبس	٣٣
آنسن جي قيمت	٣٤
شاباس	٣٦
سورج ۾ سورج مکي	٣٧
ٺيڪ آهي	٣٨
ڏک جي خوشبوءِ	٤٠
نرس	٤١
يتيمن کي به ڪن آهن	٤٢
اتهاس	٤٣
ناري	٤٤
ڪهاڻيون (اڇند گزل)	٤٥
هٽلر	٤٦
پورڻتا	٤٨

اُف !!! تنهنجو نوراني نور پکڙجندو پيو وڃي ،
تنهنجي پيار جو پيغام پهچندو پيو وڃي ،
تنهنجي پرستش ۽ قدر وڌندو پيو وڃي .
تنهنجا پوڄاري ۽ ساٿي وڌندا پيا وڃن ....
۽ مان ... مان گسندو - گسندو ...
وڌيڪ جامڙو ٿيندو پيو وڃان .

جامڙو

مان جڏهن به تنهنجيءَ،
بلنديءَ کي ڏسندو آهيان،
بيوس، بدحواس، اڪيلو،
ٿي پوندو آهيان.
دل مان چيخون اڀرنديون آهن ...
ڪاش! تنهنجيءَ جيترو بلند...
مناري واريءَ چوٽيءَ کي،
هڪ وڏي چادر ڍڪي سگهان !!
منهنجو درد ٻيڻون، زخم ڪُرندا آهن
جڏهن ڏسندو آهيان.
راهگيرن جا قدم تنهنجي بلنديءَ، تيج،
کان متاثر ٿي، از خود رڪندا آهن
اُنهن جا ڪنڌ سجدي ۾ جهڪندا آهن
۽ مان .... مان ؟
هڪو ٻڪو، وهمن وهيڻو،
تنهنجيءَ ڇهڪندڙ شخصيت، ۽ بلنديءَ تي،
پنهنجي جامڙي من ۽ شرير سان ....
لٺن، مڪن، گارين جا وسڪارا ڪندو آهيان،
ڏسندڙن کي تو طرف نهارڻ لاءِ منع ڪندو آهيان،
تنهنجي روشني ڇهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهيان،

قافيا قيد،
بحر بي حال،
حقيقتن جي ٿهيل زندگيءَ ۾ وچڙل،
منهنجين رچنائن ۾...
ڪڻڪ جي مناڻ، مرچ مصالح جي ٽڪاڻ،
لوڻ جي ڪاراڻ،
روٽيءَ جو آڪار،
ڇانورن جي ڇنڇلتا آ،
پيٽ ڀرڻ جو احساس ٿيندو آ.

زندڳيءَ ۾ رچيل رچنائون

مان پنهنجيون رچنائون،
گهڻو ڪري زندڳيءَ ۾ رچيندي رهندي آهيان،
ڇاڪاڻ ته ...
زندگيءَ جو گهڻو عرصو اُتي ئي گذاريندي رهي آهيان ...
اهو ئي گهر جو حصو ...
مون لاءِ موزون آهي ۽ شايد مقرر ڪيل به،
اُن سچ کي مون ٿهدل سويڪاريو آهي.
ڀاڄيون وڍيندي، مٽر ڇليندي،
مصالحن جي ميڙ، روٽين جي گهيڙ ۾،
ڀڄيت جي ڦيڙ ۾ ...
ڪجهه ويچار ...
ڪڻڪ جي دٻي ۾ پيل ڊائريءَ،
يا ڪنهن اٽيي - سٽيي پني تي،
ڪنهن به رنگ جي پين يا پينسل سان رڙهي،
رچناتمڪ سک ۽ سنتوش ماڻيندي آهيان

حقيقت ۾ جيئندي رهندي آهيان،
حقيقت ”پيٽ“ آهي.
اُن ”پيٽ“ جون بکون، لاچاريون، لڙايون،
احساسيندي ... اُن جون حقيقتون،
وزن وڄن وسري،

دسهڙو

هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جي خواهش!
زندگي آ هڪ ڀيانڪ نمائش.
گلا بہ مطلب سان ڀريل،
ساراه بہ سوارٿ سان شامل.
ڪرڻ وقت ڪو ڏسي وٺي،
نقلي مسڪراهٽ يا ڪوڪلو ٽهڪ.
ٽهڪ ۾ ماتم سمايل،
انسان ڪيستائين ان ڇسائپ ۽
بيوقوفيءَ ڀريل تماشي ۾ شامل رهندو؟
جنهن کيل ۾ ڪا شانتي نٿي ملي،
خيالن کي ڪا ڪرانتي نٿي ملي،
انسان ڇو پنهنجو ئي دشمن؟
ڇو نيچ ٿي ويو آ انساني من؟
اچو وري هڪ دفعو ڪوشش ڪيون،
اهو ڀيانڪ کيل،
جنهن ۾ ضمير مري،
آتما پيڙي من سان لڙي.
ڪنهن دسهڙي ڏينهن،
ان کيل کي ساڙي ڀسم ڪيون.

ويچاري

ويچاري اڪر ڪان ڇڙ ههڙي ڪن ڏينهن ۾
اُن ۾ ٻخار ۾ تپيل،
غربت جيءَ آگ ۾ جليل.
سور، مانسڪ ۽ شاريرڪ،
دک، آرٿڪ ۽ سماجڪ.
سڀ ڏيهہ ڪان لڪايو.
نہ پاڻ ڏکايو، نہ جهڪايو،
ڀهڪايو يا ڪنهن پل رڪايو.
هاڻ !!!
پاسو پلٽجي ويو آهي،
الائي ڪيئن ۽ ڪڏهن،
اچيتن من ۾،
ان اڪر جو،
مناس پيئي محسوس ڪيان.
اُن جي مقناطيسي تاثير جو،
مزو پيئي ماڻيان.
اُن اڪر ”ويچاريءَ“
مونکي هڪ ڪينئون بڻائي ڇڏيو آهي.
جيڪو پل ۾ قدمن ۾ ڪچلجي سگهجي.
يا هٿين پيرن ڪٽيل،
سورداس، گونگو، ٻڪاري
رحم جي قابل...
ڪنهن ٻہ چنايئيءَ جي لائق نہ...
پاڻ جي برابر ٻہ ڪونهي.

جيون مرگھ ترشنا ڀٽڪي پيو
سڄ ۽ رڄ
تنھائيءَ جي احساس رتورت ڪري ڇڏيو،
اندر ئي اندر ڀٽڪي پيس
مان پنھنجن وڇڙيل ساٿين (÷)، (—) کي
پڪاريان، پڇايان، رجھايان پيئي.
پر اُھي سؤ ايماني جو ھئا،
رسي تياڳي ويا مونکي،
نہ ڄاڻ ڪھڙو انوکو آنند ھو،
اُنھن بن تياڳن ۾.

حساب ڪتاب

جيون مائينس ۾ ئي هلي رهيو هو،
پوپٽ جي ڪچن رنگن وانگر هو.
پرين جي سونهري سپني وانگر.
خوش هئس، مگن انهن ڪچن رنگن ۾،
مٺن، ڪوڙن رنگين سپنن جي دنيا ۾.
توسان مليس، نوڪر ڪاڏي،
جيون جي حساب سکڻ جي،
پرتگيا ڪئي...
بس شروع ٿي ويئي ٻڪ ٻوڙ
زندگيءَ ۾ واڌو (+) ڪرڻ ۽ ضربڻ (×) جي،
مان ٻہ ارادي جي مظبوط آهيان،
جو ارادو ڪيو، بس ڪيو.
پنهنجي مڙي ڏسڻ جو نہ سوچيو،
نہ ارادو ڪيو.
ونڊ (÷) ۽ ڪٽ (—) کان نفرت ٿي ويئي
منهنجي تلاش ۽ منزل بس ٻہ اکر هئا،
هڪ پلس (+) ٻيو ضرب (×)
مان ٻوڙي سهڪي ٿڪان ٿي پيس،
سهڪڻ، وڦلڻ، ٻهڪڻ لڳس
نہ ختم ٿيندڙ اُج...

ننداڪڙي

ڇهڙا، مڪاريءَ، عياريءَ، خوشامند سان ڀريل
اکين اڳيان هوندا آهن
اُنهن ڇهڙن کي پسڻ سان ئي...
وات جو سواد ڪؤڙو ٿي پوندو آهي،
اُها ڪؤڙائپ دل، دماغ ذهن تي،
ڇانئجي ويندي آهي.
من چاهيندو آهي سورداس ٿجي
گهٽ ۾ گهٽ اکين سان اهو ڍونگ نه پسجي،
ڪلپنا جي دنيا ۾،
ستيم شوَم سندرم کي ساڪار ڪجي،
بس ان اڇا پوري ڪرڻ لاءِ،
هڪ سونهري نسخو ايجاد ڪيو آهي،
وقت - بہ - وقت، ڀيڙ ۾، ميڙ ۾،
اکيون بند ڪري ڪنهن ڇهڙي،
جي ڪلپنا ڪري ساتوڪي سک ماڻڻ،
ماڻهو چون، هيءَ ته ننداڪڙي آهي،
سڄو وقت پيئي ننڊون ڪري.

فيصلو

ٻن ڄڻن جو خوب بحث هلي رهيو هو.
"صحت جو اثر من تي ٿيندو آهي"
يا
من جو اثر صحت تي.
خوب بحث هلي رهيو هو،
فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو هو،
مونکي ڪجھ پل جهوٽو اچي ويو.
اک کلي ڏسان ته ٻئي سڄڻ ڪونهن.
پاسي واري کان پڇيو،
آخر ڪنهن کٽيو؟
ڪيڏانهن ويا؟
چي، "هڪ اسپتال ۾،
ٻيو پاڳل خاني ۾.

هماليہ - دي - گريٽ

اڄ مون جهڙي خسيس انسان جي من ۾،
توکي ڇهڻ جي خواهش جاڳي رهي آهي.
ڌنڌ اچي ويو نه من پنهنجي سڀاءَ تي.
هر چيز جا، پياري ۽ سٺي لڳي،
ڇهڻ، ماڻڻ، ترپت ٿيڻ
ورچجي وڃڻ...
بس! پوءِ شروع ٿي وڃي
نفرت جو نه ختم ٿيندو سلسلو.
ڪاش! قادر جي بڻايل قدرت جي،
ڪٽي، ڪٽي ڪي پري ڪان نهارجي،
ان جي رچنا جا پوتر ۽ معصوم آ،
اکين سان ماڻجي، پوڄجي،
ساراهجي، خوش رهجي
مانسڪ روپ سان صحت مند رهجي.
ڇهڻ جي ڌڪار جوڳي خواهش،
من مان ڌڪي ڪيجي.
ڪيترو نه پيارو. پوتر،
پوڄڻ جوڳو ٿي انسان!
ترپت ٿي وڃي...
آتما، شريرُ ۽ من.

گيتا رھسيہ

صدين کان پوءِ لڳي ٿو،
ڪن ماڻھن گيتا جو رھسيہ ڄاتو آھي،
خاص ڪري،
”ڪرم ڪيو ڦل جي اڇا نہ رکو“
خوب ڪرم ڪري رھيا آھن-
ڦر، لٽ، دغابازيون-
اتياچار، دنگا فساد، خون...
صرف ڪرم ڪندا رھن ٿا...
ڇاڪاڻ تہ ڦل... يعني
مڪتي، نرڳ، سرڳ، ڦاسي، جيل
ڪنھن جي بہ اڇا يا خواھش نٿا رکن
ڪنھن بہ ڪرم جي نتيجي کان نٿا
ڏڪن نہ خيال ڪن...
صرف ڪرم ڪندا رھن ٿا، ”ڪرم“

اسٽرائيڪ

اسان پنهنجين سڪين اکين کي ،
هڪ ئي عرض بار - بار ڪندا رهندا آهيون ،
ڪجهه فرق ضرور آهي ، پاڻيءَ ۾ .
۽ اسان ۾
اهڙي جهڙي انسان سان اڳيان ،
حاضر ٿيڻ سان ۽ ڪرڻ سان ،
اسانجو ايمان آهي .
ڇا اسين هيرن کان گهٽ آهيون ؟
ڪروڙين بار وڌيڪ قيمتي .
اسين به سؤ ايماني آهيون
هليا ويندا اسين اسٽرائيڪ تي ،
آخر مرڻي ، پوڻي تي به اسين ئي ڪم ايندا اسين ،
آخر به ته ناياب آنسون آهيون .

پردا

پردا اُهي لڳائين، جن جي دل ۾ پردا آهن،
اسان ملڪ ڦوٽ پاٿ جن جو گهر آ،
بدن کي ڪپڙي سان لڪائڻ ۽ جت مشڪل آ،
اسانجي زندگي کليل ڪتاب جيئن آ،
ايندڙ – ويندڙ ڳم سم اکين سان ڏسندو آ،
اسان کي غربت لڪائڻ جو نه خيال،
نه ڏسندڙن کي ڪو چاهه.
اکين ۾ اُنهن کا اُتسڪتا
دماغ ۾ اسانکي نه روئيءَ ڪانسواءِ –
ڪو خيال،
توهانجي پردن مان ليئا پائين
هتان – هتان هو، ڏسڻ، ٻڌڻ، چاهين.
چاڪاڻ...
پردا اُهي لڳائين
جن جي دل ۾ ڪي پردا آهن.

ٻـڌو اٿـم

ٻڌو اٿم ڪنهن زماني ۾،
هڪ ناريءَ کي پُرش جي سراپ،
پٿر بڻائي ڇڏيو.
مجبور بڻائي ڇڏيو.
ڪيس بنان ڏوهه،
لتاڙيو، ٺڪرايو، ستايو ويو.
اُن پٿر کي ڪنهن رام جو انتظار هو،
رام آيو، پٿر مان اهليا ناري بڻين،
وري شان-مان واري بڻين.
پر ڪن لاءِ اها ڪالپنڪ ڪهاڻي بڻين.
ڇاڪاڻ ته...
صدين کان کي ناريون پٿر بڻايل،
ستايل، سڪايل، اُڇايل، رُنايل
ڪيو رام جو انتظار ٿن،
مگر رام کي اڄ شايد فرصت نه آ،
شايد، ڪيس اهليا اُڌار جي ضرورت نه آ،

نغمن جا پکيئڙا

ڪنهن چيو :-

حسن، عشق، فراق وصل تي لکڻ،
ڪيترو نه لا محدود آهي وشيه،
پيار جا گيت ڳائڻ، ميلاپ جو ميلو مچاءِ،
وڇوڙي جو واءُ- ويلو رچاءِ،
بازار ۾ انهن جو اگهه آ،
اهڙين، رچنائن جو جادو جڳاءِ،
قلم کڻ سان ئي...
وڪاميل پيار، روٽيءَ جي تلاش ۾ ڪو نڪرڻ،
ڪنهن ماءُ جي مجبوري،
پيءُ جون آنسون ۽ نراسائي،
بن ويلن لاءِ وڪاميل ابهم جواني،
منهنجي قلم ۾ اچي وڃي رواني.
حقيقتن جي ڌرتيءَ تي رهندي،
چنڊ، گلن، تارن تي ڇا لکجي؟
پيار پستڪن ۾،
محبتون مهراڻ ۾
لطف آ زندگيءَ جي ڪوڙائڻ ۾،
پلي منهنجن نغمن جا پکيڙا،
آڪاش ۾ نه اڏامندا
ڌرتيءَ تي جبلن ٽڪرن پٿرن تي رهندا،
هو مونسان هر حال ۾ رهڻ جو اقرار ڪندا،

پرش جي دل

تنهنجا هٿڙا ڪهڙا نه ڪومل ...
نرم ملائيءَ وانگر ملايم،
ڪنول جهڙو مکڙو، جو اڌ ٻڪيل
منهن ڍڪڻ لاءِ لالچائي،
تنهنجي چلي جيتري ڪمر،
اُن جا نازڪ وڙ وڪڙ،
تمام سندر پيئي لڳين.
پڪ آهي تون دنيا جي ...
خوبصورت استرين مان هڪ آهين،
سنڪوچ نه ڪر ... سوچ نه،
تون هڪ خسيس آيا آهين،
انارڪلي به ته هڪ ڪنيز هئي،
هن زماني ۾ خوبصورتيءَ جو قدر ؟؟
ها، آهي ....
مان تنهنجي حسن جو قدر شهزادي ...
سليم وانگر ڪندس.
منهنجيءَ بدصورت پتنيءَ کان ...
تون لک وار سندر پيئي لڳين
آيا !! آيا !! آيا !! اچ نه.
"جي صاحب" جو وڏو ڪوڙو آواز ٻڌي ...
هن اکيون کوليون،
اک ڇنڀ ۾ هن ڏٺو،
گهونگهٽ مٿي ڪندر پنهنجي پتني،
سڏ جو آواز ٻڌي ٻاهران اندر آيا.

آزمودي جو آڪرشڻ

باپوءَ جا ٽي ٻاندر،
ٻولين ٿا من اندر،
سڄيءَ دنيا ۾ رهجي وياسين،
اسين ٽي ڀراٽي ...
" ٻرو نه ٻڌو، نه چئو، نه ڏسو".
سڄي دنيا اُن جي اُبتر هلي ٿي،
موج ڪري ٿي مزو ماڻي ٿي،
جيڪو اسانجو نقل ڪري ويو،
چون اُنهن جو عقل هلي ويو.
اسين ويچارا ...
اکين، ڪنن، وات تي هٿ رکي،
ڪيئين سالن کان ويٺا آهيون،
تضاد جي طلب وڌندي پيئي وڃي،
هر ڪر حيران ڪري ڇڏيو آ،
الائي ڪهڙو انوکو آڪرشڻ آ،
ٻرو ٻڌڻ، چوڻ، ڏسڻ ۾،
مهاتما پاڻ به آکي ويو،
" ڪو به آزمودو حاصل ڪرڻ ٻرو نه آ".

پرهپراگت

تنهنجو هيسيل، ڏکيل، جهڪيل،
پوز.
منهنجيءَ ڪئميرا قيد ڪيو هو،
هاڻ...
تنهنجو، مهڪندڙ، مهڪيل، ٻهڪيل،
پوز.
پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪرڻ کان،
مان انڪار ٿو ڪيان.
ڇاڪاڻ،
جو وٽين ويو، سو وٽين ويو،
آخر ۾ ته مان،
پرهپراگت، فوٽو گرافر آهيان.

مرڪ

ڪنهن چيو،
تنهنجيءَ مرڪ ۾ عجيب ڪشش آ،
تنهنجي مرڪ دلڪش آ،
تنهنجيءَ مرڪ ۾ جنبش آ،
شاعر چيو،
تنهنجي مرڪ غزل آ،
پريتم چيو، تنهنجي مرڪ غزل آ،
مسافر چيو، تنهنجي مرڪ منزل آ،
چترڪار چيو، تنهنجي مرڪ شاهڪار آ،
ٻار چيو، تنهنجي مرڪ ممتا آ،
سڀني جا مختلف رايا ٻڌي...
مان خاموش رهيس،
جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺم...
جواب آيو،
تنهنجي مرڪ رودن آ،
ماتم آ.
رودن اڻ سمجهه انسانن جو،
ماتم مرندڙ انسانيت جو.

شينهن جيان ڇتي ٿي هر رڪاوٽ جو مقابلو ڪري،
منا اباڻا، امڙ، سکيون...
سڀ سنبنڌ ٽوڙي، لاڳاپا لاهي،
هن... هن کي هٿ ڏنو.
ڪئلينڊر ڪروٽ بدليندو رهيو.
درشيه بدلجو،
امڙ- بابا مونسان نه رسو،
هن دلسوز آواز ۾ ٻاڌايو...
دؤلت سان ئي عزت آهي
بس مونکي ٻيو ڪجھ نه کپي.
هن منهن ڦيري مرڪيو،
پئسي ۽ پد ڪانسواءِ جيئڻ مشڪل آ،
مان پنهنجي پتيءَ کي ڇڏڻ،
تياڳڻ لاءِ تيار آهيان....
مونکي توهانجو هر شرط منظور آ...
ڪنهن ڌيان نه ڏنو...
زهر جي شيشي سندس هٿن ۾،
خزانن جا منهن کلي ويا...
هوءُ ريتن جي ڍير ۾ ويو دٻجندو...
رهجي ويو منهنجي دل ۾ سوال!
اڳتي هو ڪنهن جو در کڙڪائي،
زهر پيئڻ جي ڌمڪي ڏيندو؟

بـکـاري

هن دلسوز آواز ۾ ٻاڏايو،
تون منهنجيءَ ٿي بس تون.
ڌن دؤلت، ڇمڇا ڇيليون،
مونکي نہ کپن.
مونکي پيار کپي...
مان پيار جو بکيو آهيان،
هن مرڪيو، مُنهن ڦيرڻي ڇڏيو...
شاهوڪار هوندي بہ مان ڪنگال آهيان.
ديا ڪر... ديا جو دان ڏي.
ناريءَ جون اکيون پٽيون،
لب پڪوڙجي ويا...
خاموش رهي...
سنگدل! تون چپ آهين؟
زهر جي شيشي مون هٿ آ...
بس! اهو فيصلو ٿي چاهين؟
ناري پگهرجي پاڻي پاڻي ٿي ويئي،
هوءَ پاڻ سان لڙي ساڻي ٿي پيئي،
سماج جا طعنا، نفرت،
گهر وارن جي ناراضگي...
سڀ سهي...

پل جو پڇتاءُ

تمام چڱيءَ طرح سمجهيل، سکيل، رٽيل،
جملا ڪنهن خاص پل ۾...
ذهن تان ميسارجي ويندا آهن،
۽ ان پل جو پڇتاءُ،
رهجي ويندو آهي من ۾.
اهو پل جو وري واپس نه ورندو آهي،
رهجي ويندو آهي اُن جو،
بدنما ۽ بدصورت اثر...
اُن پل جو پڇتاءُ...
وشوامتر عمر ڀر ڪندو رهيو،
ڪندو رهيو رام سيتا کي تياڳي،
سيتا سونو هرڻ ڏسي،
يشودرا ننڊ کي ڏوراپا ڏيندي -
دسرٿ جهڙو راجا،
معصوم شروڻ جو هتيارو ٿي پيو،
هيترا گياني گرنٿن ۾ گم ٿيل -
سماڌين ۾ سمهيل
ڪهڙن نه ڪنهن ڪمزور پل ۾،
ڪجھ ڪمزورين تي قابو نه پائي،
پڇتائيندا رهيا...

يگ يگ کان

بوند بادل کان وڇڙي،
پن وڻ کان،
ندي پهاڙ کان وڇڙي،
چنڊ ڌرتيءَ کان،
روشني اوندهه کان وڇڙي،
ٻيڙيو جوانيءَ کان،
آتما شرير کان وڇڙي،
پرڀات رات کان.
شاه جي سورمي، سورمي کان وڇڙي،
آتما پرماتما کان.

آواز

بـــ

واپـــار

ها ! مان آواز جو واپاري آهيان ،
اُن جو احساس تڏهن ٿيو ،
جڏهن گلي ۾ سخت سور ٿيو.
مان منجهيس ، اُداس ٿيس ، مايوس به !
ڊاڪٽر چيو ، ” آواز کي لنبي عرصي تائين آرام ڪراءِ “
نه نه ! هميشه لاءِ آواز ... بس ، بس .
ڳائيندڙن جو آواز بند ٿي ته ، ڌنڌو بنگه هلي .
گهر وارين جو آواز بند ٿئي ته راحت ملي .
بلڊ پريشر ، کنگهه ، تپ ، ٿڌ سڀ ڪجهه ٿئيم ،
پر آواز ؟... نه ... نه ...
جناب مان ماستر آهيان ،
آواز مان روٽي ڪمايان .

اسين خسيس انسان ۽ ائين آهيون،
ڀلون ڪريون، پڇتايون،
وري غلطيون ڪري وائڙا ٿيون،
رٿيل، سکيل، پڙهيل، هنڊايل جملا
صحيح وقت تي دغا ڏيئي وڃن
۽ انسان ڪندو رهي ٿو
پل جو پڇتاءُ ...
سيني ۾ ڪنڊي وانگر چڀندر
پل جو پڇتاءُ ...

اگربتي

اگربتي جلندي ٿي وڃي،
رک، هوءَ ٽپندي ٿي وڃي،
سڳند ڇڏيندي ٿي وڃي،
”ڪجهه“ ڏيندي پئي وڃي.
ڪاش! ڪو هن جي سڳند جو موهه ڇڏي،
هن کي سڏي، آتما سان گڏي.
هوءَ ته مدهوش هئي پاڳل،
ڪنهن ڪجهه ڏيڻ، سڪي رکڻ،
هن جي من ۾ جلڻ ڪانپوءِ به آ،
رهيو هڪ سوال،
جنهن لاءِ هن پاڻ جلايو،
ڪندو تنهائيءَ ۾ خيال؟

وڻ
پکيئڙي
پريت

پکيئڙا وڻ تي ويٺا،
کليا، کيليا، اُڏاميا،
پرڀات جي وقت،
داڻو پاڻي چڳڻ لاءِ.
وڻ، وڻ جون ٽاريون...
ڪرڪيون، کنجهون، منجهيون.
وري شام جي سرمئي اُجالي ۾،
رنگ برنگي پکيئڙن جي ٻي ٽولي آئي...
پکيئڙا آيا، لڏيا، جهوميا، کليا، کيليا.
وڻ اُن جو سواگت ڪيو،
قدرت جي انوکي ريت
وڻ پکيئڙي سندي پريت.

اڄو ته...

اڄو ته ڊائريءَ جي ورقن تي،
نوان سوال پيدا ڪيون،
ڪي خيال پيدا ڪيون.
اڄ ڪهڙا ستيوادي هريشچندر ڏنا،
سچ لاءِ اُنهن ڪهڙيون سزائون ڀوڳيون،
ڪيترين دروپدين جي سؤ ايمان کي ڏڪيو.
اسين پانڊو پتر ءَ اُن سڀا ۾ ويٺل...
سداچاري پنهنجين مجبورين کي پڪڙي،
لاچاريءَ جو تماشو ڪيون...
هڏن نڪتل مرڻينگهه زندگي.
باهران مٺو سٺو...
اندر گندگي.
پنهنجا پراون کان به بدتر...
افضل خان وانگر ڀاڪر ۾ ڀري، ساهه ٻوسائيندڙ.
ڪل ڪل جي پنيان ڀيانڪ رودن.
ڇو جيئجي؟ اهو ڪتيل ڪوڙ پسڻ لاءِ؟
ڊوڙ ئي ڊوڙ... زبردست ڇڪتاڻ،
وڏي مڇي ننڍيءَ کي ڳرڪائي،
سڀيتا جو اتهاسڪ دؤر چالو آهي.
پلاسٽڪ پگهه ۾ پلاسٽڪ مسڪان،
ڏسي اڄي ويئي مڪمل ٿڪان.
تيزابي زندگي گهاريندڙ،
پل پل پاڻ ماريندڙ.
ڊائريءَ جي ورقن تي ڀلو ڇا لکجي؟

رنگ منچ

سنسار رنگ منچ آهي،
اسين سڀ ڪردار.
اڄ هڪ نهيل نڪيل،
چڱيءَ طرح ريهسل ڪيل ناٽڪ،
اکين اڳيان هلي رهيو آ،
منهنجو دماغ ٻري رهيو آ،
شرير ڪنهن اڻ ڄاتل اگنيءَ ۾
جلي رهيو آ....
هڪ ڪومل ڪلي،
جيڪري ٻاهه ۾ جلي
اِن کي جلائڻ وارا،
خوب روئي رهيا آهن.
منٿن سڏن سان سڏي رهيا آهن.
خوب پاڻ روئي،
ٻين کي روئاري رهيا آهن.
هڪ ٻئي کي پرچائي سرچائي رهيا آهن.
انهن سڀني ڪردارن کي،
نئشنل ايڪٽنگ جو اوارڊ ملڻ گهرجي،
دل ٿي چاهه خوب زور سان تاڙيون وڄايان
مبارڪون ڏيئي گلن جو هار پايان،
مان مجبور آهيان،
اُن بدنصيب جي،
چوئٽي تي آيل آهيان.

ڪولمبس

هيئن نہ ڪر، هوئن ڪر.
هي صحيح آهي، هو غلط.
سمجهڻ جي عمر کان اهو ٻيو ٻڌان،
هاءِ مان پنهنجا اُڏما ڪيئن ڪيان؟
ماءُ کي ٿڌ وڻي، پيءُ کي گرمي
هن کي گل، وڻ، جهرڻا، آڪاس وڻي
هن کي تاس، گانو، سئنيما، ٽي. وي.
هوءَ ڇانو ۾ نہ ويهي تہ هو اُس ۾،
هوءَ سچ لاءِ مري هو ڪوڙ جي فائدي ۾ لڙي.
هرڪو پنهنجي پسندي مون،
جيتامڙي مٿان مڙهي ۽ جهڳڙي.
ڏهن سالن جي عمر جو مان هڪ ننڍو قيدي آهيان.
تجربن جي جڙ هڪ ليباٽري آهيان.
مان ٻہ هڏ ماس جو هڪ پتلو آهيان،
پنهنجا آزمودا پاڻ وٺڻ ٿو چاهيان.
دل - دماغ وارو - اُمنگ، اُتساهہ، اتسڻ،
سان ڀرپور آهيان،
ڪرڻ مونکي ٻہ ڏيو جو ڪرڻ ٿو چاهيان،
پنهنجي منزل مان پاڻ پايان،
پنهنجي زندگيءَ جو مان ڪولمبس آهيان،
ڏيو عزت ۽ آزادي مان نئون جڳہ پايان،
بگڙيلن سوچن کي مان ناهيان.

اڄ وري

اڄ وري شمشان جي ياد پيئي اچي،
ها ٻڌو ۽ ڏٺو اٿم،
جڏهن آتما ديه کي،
تياڳيندي آهي...
اُن کيِ اُتي جلايو ويندو آهي.
هڪ سوال!
هن سنسار ۾ ڪي اهڙا،
انسان آهن...
جن کي جيئرو پيو ليکيو ۽ ڪونيو وڃي.
اُن انسان جي ديه ڪٿي،
ته آتما ڪٿي،
ديه آتما کانسواءِ
دنيا جي پيڙ ۾ پيئي پڙڪي،
ڏڪجي،
اُداس! ٿڪل، جهڪيل، ڏڪيل، اُجهاميل،
ٿرشنڪو جيان وچ ٽنگيل،
ڪاش! ان جيئري ديهه کي به،
اگني نصيب ٿئي
مُڪتي ملي ان پڙڪڻ کان.

آنسون ٿيا صرف ڪارو پاڻي .
پر، ٻئي وارن جا آنسون،
تمام مهان، بي بها، قيمتي
هڪ ڳوڙهو سؤ رومال حاضر.
سڀ کان قيمتي اهو ڳوڙهو،
جو هڪ انسان جو ڪنهن جيو لاءِ،
بنان سوارٿ جي وهندڙ پاڻي،
گنگا جيان پوتر گڻن جي گنڀيرتا.

آنسوءَ جي قيمت

آنسن جي قيمت،
وقت، انسان، ماحول مطابق بدلجي،
... آنسن جي قيمت
ٻار جي اکڙين مان نڪتل - نرمل پاڻي ...
جهجهل کي ڪري ڇڏي بي حال،
ننڊ - ٻڪ - اُڃ،
سڀ کي مٽائي،
ممتا ديواني.
هر آنسوءَ کي ٻاڻ پيئي،
ٻار جي مرڪ ڏسي جيئي،
ڪري آنسن جي قيمت ڪروڙين ٻار،
پوتر - ڀاونائن جو اظهار.
ڀرپور جواني - سندرتا،
واسنا جو ٻکايل،
عشق کان ڏکايل
هر ڳوڙهي کي،
موتيءَ، ملهائتو- مجهدو
بس، پياس ٻجهي
ٻوءِ ڪجهه نه سجهي
ڳوڙهن جو اپمان شروع

سورج
۽
سورج مکي

توکي ڏسي محسوس ائين ٿيو،
تون سورج ۽ هو سورج مکي
توسان ئي هئجي آتما سکي
کونه لڳندي هن زندگي ڏکي.
جيڏانهن تنهنجو هوندو مک
هر جنم کندي اُن طرف هو ۽ رخ
تون پريان ڇهڻ کان دور
هر پل جا کشٽ دور ٿيندس ڏک
تون دور کجان ۽ گيان سان انڌکار
سيوا کري لاهجان ۽ هر دل جو بار
جڏهن ساراهيندو، سڄو سنسار
اکيون ٿينديون سرهيون ۽ اشکبار.

شاباس

سائين توهان ته توهان آهيو ،
شاباس !
توهان جهڙو ڪو ڪونهي
شاباس !!
اچي وئين نه سمجهدارن جي قطار ۾ ...
ڪجهه ڏينهن اڳ ...
آدرش جي چڪيءَ ۾ پيسل ،
جانور هئين .
نوڪري ، چوڪري ، گهر ، گهاٽ وڃائي ،
اچي وئين نه پنهنجي رستي تي !
ڪيڏن منهنجا پالتو ! پڇ لوڏ ...
شاباس !!!

”تون ٺيڪ، مان ٺيڪ“
جذبن جي ڪيڏڻ جون واٽون ٿي بند،
تون به خوش، مان به خوش،
تو پڇيو ڇئين، مون ٻڌايو ڇئس.
هر طرف ٺڳي - جذبن کي اظهارڻ جي،
خير... ”سڀ ڪجهه ٺيڪ آ“.

ٺيڪ آهي

هر انسان روبوٽ وانگر پريل،
هڪ ئي جواب ڇو ڏيندو آ،
” ٺيڪ آهيان “
تون ٺيڪ، مان ٺيڪ، هوُ ٺيڪ، سڀ ڪر ٺيڪ.
باقي گڙٻڙ ڪٿي آهي؟
هيءَ ذهني اُٿل، پٿل، دماغي روڳ،
هيءَ پيچ ڏاهه ۽ پيچ ٻوڙ،
هڪ ٻي کي ڪجهه ڪائڻ...
نه نه ڳڙڪائڻ جي پاونا -
ماضي مجهول، حال هيڻو، مستقبل ؟؟؟
سڀ ٺيڪ آهي.
ان اکر کان ذهني ڪوفت ٿيندي آهي،
ڪاش! ان اکر کان اڳتي، ڪا وارتالاپ وڌي.
” تون ٺيڪ، مان ٺيڪ، سڀ ٺيڪ ٿئي “
گفتگو ۽ جذبن کي فل اسٽاپ اچي وڃي.
اکر لرزڻ لڳندا آهن، محدود دائرو.
ازغيبي، رسمي، اُڌارو ورتل اکر ٺيڪ (O. K.)
ان کي مذاق سمجهي،
کلجي؟ روئجي؟
لعنت مان ڪڍي يا ڇڏجي؟

نرس

نرس زور سان سٽي ڇپائي، رڳ رڳ ڄڻ ته ڪڙهي،
روڳيءَ رنڀ ڪٽي، پر نه ڏنو هن ڌيان.

واسع وڏائين ٿرماميٽر، ڄڻ ته ڪا ائسب هٽي،
جيب ئي چلجي پيٽي، پر نه ڏنو هن ڌيان.

ٻار ننڍيو دوا وٺڻ کان ۽ هن دٻ ڪيڏي،
ٻالڪ پيو سڏڪي، پر نه ڏنو هن ڌيان.

گلوڪوس جو چڙهيو ٻاٽلو، ليڪن نس نه لڌي،
خون وهيو چٽڪي، پر نه ڏنو هن ڌيان.

نرس اڙي او نرس! جگر ۾ شايد دل نه اٿي،
ايڏي بي رحمي، پر نه ڏنو هن ڌيان.

ڏک
جي
خوشبوءِ

ڏک جي خوشبو سڀ کان آ نياري
سڀني خوشين کان مونکي آ پياري

جڏهين محسوس ٿيندو اڻ لکائيندڙ درد آهي،
اکڙيون نہ وهائي سگهن آنسون آهہ سرد آهي،
احساس اُن وقت اهو آهي،
مَن پهتو گنگا نديءَ جي ارد گرد آهي.

ڏک سان مَن پوتر ۽ وويڪ جاڳندو آهي،
سجاڳ، خوشمند انسان لڳندو آهي،
هڪ نئين شخصيت ۾ شخص اُڀرندو آهي،
ساتوڪ آنند انوکو ملندو آهي.

اتهاس

سر مٽي انڌيري جي وقت،
ننڍڙو ٻار،
وڻ تي ستل پکيئڙن کي،
پٿر هڻين،
اُڏائي، ڀڄائي، هيسائي، ستائي رهيو هو.
پيرڻ تي چوٽ لڳو،
"مان بهادر آهيان"
منهنجين اکين ۾ سوال؟
منهنجو بابو بيمار امان کي ماري ڪٽي،
مون کي وڻيندو آهي...
خوش ٿيندو آهي...
منهنجي پيءُ جو "ڏٻرو" سيٺ،
بهادر سڏائيندو آهي،
منهنجي بابا کي گاريون ڏيندي،
لتون، مڪون هڻين.
مان به ستل پکين کي پٿر هڻين،
قائم ٿو ڪريان بهادريءَ جو اتهاس.

ڀتين کي به ڪن آهن

اڄ مان توکي اهو چيو ڌيءَ ،
جو منهنجيءَ ماءُ ،
منهنجيءَ عمر جي هوندي چيو .
سياڻي تون به اهوئي چوندينءَ ،
پنهنجيءَ ڌيءُ کي ،
جو جڏهن منهنجيءَ عمر جي ٿيندينءَ ...
اهوئي ته هڪ ورثو آ ،
آزمودن جو ... نه نه ... سماج جو .
باهه ۾ جلي ، ذلت سهي .
اپمان سهي ، ظلم ڏسي .
چپ چاپ رهڻ ، ڪجهه نه ڪڇڻ .
ڏوليءَ ۾ چڙهي وڃڻ ،
چکيا تي باهر نڪرڻ .
هش ! ڇا ٿي چوين ! "نه مڃيندس"
ڪجهه نه چئه ،
ڀتين کي به ڪن آهن .

ڪھاڻيون

دل ڪي ڇھن ٻيون ٽيون رنج ۽ راحت جون ڪھاڻيون،
ٽڪ، درد، سرد آھون، خزان ۽ چاھت جون ڪھاڻيون.

چپ چاپ رھڻ ڪجھ نہ ڪڇڻ،
خاموشي، مرڪ ۽ پيل اکڙين جون ڪھاڻيون.

آباد، برباد، شاد ناشاد، بھار خزان،
ناڪام ارادن، امنگن، آرزن، اڌسن جون ڪھاڻيون.

رشتن جو ٽٽڻ، پل ۾ ڀڄڻ ۽ سھڻ،
دغاباز دوستن، درد مندن جون ڪھاڻيون.

ڪميونزم، سوشلزم، آئيڊلزم،
ظلم، ظالم، ضد زبردستن جون ڪھاڻيون.

نديون، ٻھاڙن، جھرڻن، چنڊ، چانڊان گلن،
قدرت ۽ قادر جي ڪرشمن جون ڪھاڻيون.

گھنگھرن جي جھنڪار، عصمت ان جو ماتم،
سماج جي ٺيڪيدارن، سؤداگرن جون ڪھاڻيون.

شاعرن، ڪلاڪارن، فيلسوفن، دل وارن،
ٽيندڙ انھن سان انياءَ ۽ انصاف جون ڪھاڻيون.

ناري

زندگيءَ کي سمجهڻ چا ناريءَ کي اڌڪار نه آ،
پنهنجن ٺاهيل رستن تي هلڻ،
چا هن سماج کي سويڪار نه آ؟
چا اڃان تائين ناري قيدڻ آ،
جنهن کي پُرش روپي جيلر جي ضرورت آ؟
چا اڃان تائين مرد لاءِ صرف،
هوءَ هڪ شاريرڪ ضرورت آ؟
اڄ جي ناري ٿي ڇڏي يشودرا، ميران ۽ سيتا،
هو اڄ سمجهي ٿي چا آهي ڀڳوت گيتا،
ڇو ٿو اي ترقي پسند پُرش،
هن کي نازڪ بڻائين؟
هن جي هٿن ۾ چوڙيون،
اشتهار ۽ ساهت ۾،
نازڪ گلن جون مالائون پهرائين.
نرم غاليچن تي هلائين،
هن جي ڳلن لبن وارن تي،
غزل پيو لکائين.
اڄ جا پُرش هن کي،
ترشول ڏي هٿ ۾،
ماتا درگا جو، چنڊيءَ جو روپ،
تون ڏي اشتهار ۽ ساهت ۾.
نه هوءَ نازڪ ناري نه آهي،
ظلمن جو خاتمو ڪندڙ ناري آهي.

اکيون هيٺ ڪري، صرف ”ها“ ڪر.
نه اکر مون ڪڍڻ نه ٻڌو آ...
هر ڪنهن شيءِ جو مان مالڪ،
هن گهر جو مان آهيان خالق،
ليمرط ويڪا کي نه ڪجانءِ پار،
منهنجي هينئين جو نه ٻطج ٻار،
هنيون هن جو ڪڙهي ويو.
ڪير چوي هٽلر مري ويو؟
پٽيءَ ڪان پوءِ راڄگديءَ تي ويٺو پٽ،
ان، هن، کي شوڪي نهاريو
تن من هاءِ هن جو ڏري ويو.
ڪير چوي هٽلر مري ويو؟

هٽلر

نندي هوندي،
پاڻ هر وقت احساس ڏياريندو رهيس،
هوءَ هڪ ڇوڪري آهي،
ڌرتي ماتا تي هڪ بوجو آهي.
ڇوڪري آهين، حد ۾ رهه،
هن سان نه ڳالهاءِ، هن سان نه مرڪ،
هر ڪنهن جي پاڇي کان ڇرڪ،
لڙڪ اکين مان لڙي ويو.
ڪير چوي هٽلر مري ويو؟
پيءُ چيس...
ٻڌ ڌيءُ ڌڻ،
هر هڪ قدم سنڀالي کڻ،
پڙهيءَ تي مون خرچ وڌائين،
شاديءَ تي به قرض ڪيائين.
آواز گهٽ ڪر، مرد جي اشاري کي سمجهه،
پيءُ جي پڳڙي سنڀال،
جيئڻ ڪيو تو وبال،
هردو هن جو سڙي ويو.
ڪير چوي هٽلر مري ويو؟
پيءُ سونپيس پتيءَ جي هٿ ۾.
پتيءَ پوءِ هن کي سمجهايو،

غزل

پورڻتا

اڌوري زندگي منهنجي،
اڌورو هو ترانو هو،
پورڻتا کان خالي،
دل جو خزانو هو.
اچانڪ!
نوراني نُور ڪو غيب مان آيو،
گلن تي شبنمي قطرو ڪنهن چمڪايو،
انوکي ڪنڪنائي، نرالو نشو ڇانيو.
رت ماس جو ماليم گوا پرماتما بڻايو.
دل جي دڪ دڪ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي،
خوشبوءِ ساهن ۾ ڇڏيندي هئي،
"امان" اکر جو پڙاڏو آيو،
جڻ مندر ۾ ڪنهن شنک وڄايو،
هوائن، فضائن ۾ گلال اُڏايو
سکيون اچو، مون سينگار ڪرايو.
پير ۾ پايل، مٿي تي تلڪ لڳايو،
لوڏيو پينگهو، ڪا مڌر لولي ڳايو.
"امڙ" اکر ڦهلائي سرهاڻ،
نڪري وئي تن من مان،
مڪمل ٿڪان.
ڇهڙي تي آئي،
ساتوڪي مسڪان.

غزل ۽ گيت

فهرست	صفحو نمبر
دنيا سان پيار منهنجو، اڪرين بيان ڪونهي	١
ٻڌڻ چاهي هرڪو، بهارن جون ڳالهيون	٢
ڪجهه ان طرح سان سوچي لکان جو نئون لڳي	٣
دوستي ڪنهن سان وڪڻ ۾ ٻپ ٿئي	۴
توڙ ۽ ڪي علم پرائي تو انسان پڙهي پڙهي	۵
ڪير آهين؟ منکي جڳائين ٿي؟	٦
اڄ چوڙين ڪي پاءِ سجني (گيت)	٧
درد پنهنجائپ جو هو نه بخشي اڄ وري	٨
حال دل توکان ڇپائي نه سگهيس	٩
تنهنجن خطن جا ٿي ويا ڏنڌلا اکر هنئر	١٠
زخم دل کي ڪڙاهيو ٿا ڇا لاءِ؟	١١
جيڪڏهن عرش ڏانهن پرواز ڪجي	١٢
هر چيز هن جي گهر ۾ ٿي ڏسجي گهٽيل گهٽيل	١٣
پيڙ ۾ تنها رهڻ ايندو اٿم	١۴
چوڻ ڪو پنهنجا سوز سلي، پر تو ڪو همراز ڪجي	١۵
ماڻهو ٿا منهنجو نانءُ پڇن موکان هر گهڙيءَ	١٦
رباعيون	١٧
ڏسي گل کي جي آءُ، گل ٿي پوان	١٨
زندگيءَ کي آزمائيندا رهياسين	١٩
ڇيڙي هوا ۾ اي سکي اُڏري رهي آ اڄ	٢٠
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار (اڇند گيت)	٢١

دنيا سان پيار منهنجو، اکرين بيان ڪونهي،
ڌرتيءَ مثال سندر، ٻيو ڪو جهان ڪونهي.

١. ماڻهو جتي محبت، هڪ ٻئي سان نت ونڊن ٿا،
ان کان وڌيڪ پوتر، ڪو آستان ڪونهي.

٢. زخمن جا گل ٽڙن ٿا، سورن ۾ آ سگنڌي،
غم جو نشو چڙهي جو، اُن جو بيانُ ڪونهي.

٣. ڌرتيءَ جي دلنوازي، سڀ مرڪ لڙڪ پيارا،
سک - دک جو هڙو سندر، ٻيو ڪو مقام ڪونهي.

٤. ڪو درد آهه مبهم، نس - نس ۾ آ سمايل،
پر درد چلڙ لاءِ، ڪو رازدان ڪونهي.

فهرست	صفحه نمبر
دنيا وارا چوندیون پائين الائي ڇا ٿا چاهين	٢٢
پنهنجائپ ۽ پيار ڏنو ڪنهن دل پرچي آئي	٢٣
گيت پيار جا گهائل ٿي پيا گهت ۾ گولي ڪين لڳي	٢٤
تنهنجي فرقت ۾ سمجهان خدا ويجهو آ	٢٥
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو (گيت)	٢٦
آدرشي ڦاهن ۾ ڦاٿل ، اُف اڄ آ سماج !	٢٧
قطعا	٢٨
درد جو ڏن اٿم	٢٩
ٿون به چپ ، مان به چپ چپ	٣٠
پکيڙا جي آيا نديا جهنڊ ناهي	٣١
ڪو همراز ، همدرد ، همدم اچي ٿئي	٣٢
ويا ميت وڇڙي سڱهيا ڪونہ وسري	٣٣
ڏاهين ڪن کي ، ڪن کي پيا ٿا ناهين (اڇند گزل)	٣٤

ڪجهه ان طرح سان سوچي لکان جو نئون لڳي،
۽ اهڙي ڍنگ سو ڇوان جو نئون لڳي.

سک جي تلاش ۾ حياتي تمام ٿي،
هر دک جو ائن بيان ڪيان جو نئون لڳي.

هر سوچ ۾ نواڻ جي ٿي کوج ۾ رهان،
غم يا خوشي ڪجهه اهڙو لهان جو نئون لڳي.

ٻاروتو نظارو ۽ راهون پنيان ڪتيل،
مان اهڙو دڳ ماڳ ڪيان جو نئون لڳي.

بدڙ چاهي هرڪو، بهارن جون ڳالهيون،
گلن جون جي ڳالهيون، سي خارن جون ڳالهيون،

هتا زخم ڌرتيءَ جا نظرن جي سامهون،
اسان ته به ڪيڏيون چنڊ تارن جون ڳالهيون.

ڪنن ڪڙڪي دريا جي وچ ٻڌايون،
دغاباز ڏورت ڪنارن جون ڳالهيون.

ڏکوئيندڙ سچ، پر به ڪجھ ڇا لاءِ مڃي،
نه ڪر حسن ۽ عشق وارن جون ڳالهيون.

هلن کي، تڪا کي، ڪرن کي، ڪريا کي،
ٻڌي ڇا ڪندي رهگذارن جون ڳالهيون.

ٿورو ئي علم پڙائي ٿو انسان پڏي پڏي،
هر هر ڏئي ٿو هوڪا، هي جاهل سڏي سڏي.

دنيا کي ڪجھ نٿون ڏيو، جو ڪوڻ ٿيو اڳي،
باتيون پراٽيون ڪوڻ سڻايو سڏي سڏي.

بارن مثال سمنڊ ڪناري پيا رمون،
تڪجي پياسين ريت جا گهرڙا اڏي اڏي.

سنسار چالباز مان وشواس ويو هلي،
ڀوريين سان ڪيئن هلون دل کي گڏي گڏي.

سنسار جي تلاءَ تي ڪان ڪان تا ڪانوَ ڪن،
”شبنم“ مڙيئي هنس هتان ويا لڏي لڏي.

دوستي ڪنهن سان رکڻ ۾ ڊپ ٿئي ،
ڪنهن تي ڀروسو ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

ڦهلجي زهر فضائن ۾ ويو ،
هارڻ خود ساهه کڻڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

متان خنجر نه ڪو پٺيءَ ۾ هڻي ،
ڀاڪي پائي ملڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

ڪو مرون آهه منش جي من ۾ ،
نانءُ انسان ٻڌڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

ڏيتي ليتي نه جلائي جيئري ،
ڪنهن جي شادي ڏسڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

دروپدي چير هرڻ دريوڌن ،
ستيه کي ساٿ ڏيڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

عرش ۽ فرش تي گهمسان ۽ گوڙ ،
چين سان ننڊ ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

برگهه ڪنس چرا ۽ آتنڪواد ،
اهڙي جڳهه منجهه رهڻ ۾ ڊپ ٿئي ۔

اڄ چوڙين کي پاءِ سڄڻي، اڄ چوڙين کي پاءِ

١. چوڙيون تو لاءِ آڻيو ٻليون، تن کي ڪين سڪاءِ،
پنهنجين نازڪ ٻانهن تي اڄ چوڙين کي چمڪاءِ...
اڄ چوڙين کي پاءِ...

٢. ڪوئي ڪلپنا پر پائيندي، تنهن کي عرش اُڏاءِ،
اندر ڏنش جي رنگبرنگي جذبن کي جاڳاءِ.
اڄ چوڙين کي پاءِ...

٣. رنگ گلابي واريون چوڙيون، ٻانهن ۾ ٻهڪاءِ،
اُڀري ٻوندا گلاب جا گل، مونسان شرط اڳاءِ.
اڄ چوڙيون پاءِ...

٤. ڇنڪ جهنڪ چوڙين جو سرگم، تون به ٽورو ڳاءِ،
جلترنگ جون لهرون لڳنديون، سر سر سان ملاءِ...

٥. تون قدرت جو رنگ انوکو، ته به هي چوڙيون پاءِ،
رنگبرنگي چوڙيون پائي، رنگ سان رنگ سڄاءِ...

٦. مند مند سان، ويس ويس سان چوڙين کي بدلاءِ،
ساوڻ ۾ ساوون بسنت ۾، رنگ بسنتي پاءِ.
اڄ چوڙين کي پاءِ...

ڪير آهين منکي جڳائين ٿي ؟
مونکي جاڳائي، لڪائين ٿي ؟

ڪونہ سنسار ڪي بہ سمجهيو مون،
تہ بہ لکل راز ڪي ٻڌائين ٿي.

ڀوڙي مان ناتوان نبل آهيان،
اڇي مونکي سبل ٻڻائين ٿي.

پاڻ بہ هرکو خوش آهي،
مون تي هن هن جا غم وسائين ٿي.

آنهن تون ڪلپنا، حقيقت پئي،
ڏئون احساس جڙ ڪرائين ٿي.

هونئن تہ گوشي نشين مان "شبنم"
مونسان گل - گل مگر پڇائين ٿي.

حال دل توکان ڇپائي نہ سگھيس،
راز نيڻن ۾ لڪائي نہ سگھيس.

وقت سان آنءُ نڀائي نہ سگھس،
مان ٽڪيس کيس ٽڪائي نہ سگھيس.

زندگي زرد، ٽڪل بدصورت،
خوبصورت سا بڻائي نہ سگھيس.

زخم دل خون سمي ڪونہ سگھيا،
باغ ڌرتيءَ تي بڻائي نہ سگھيس.

تون رسي، مون کان وئين مونهن موڙي،
توکي روڪي پيا رڪائي نہ سگھيس.

درد پنهنجائپ جو هو نه بخشي اڄ وري،
دل ۾ اهڙي ڀوڪي، ڪو اُپاري ٿو پيو.

منهنجو غائب ٿي وڃي ٿو سارو اهم ۽ وجود،
ڇا ته جاڳوءَ جي نگهه سان هو نهاري ٿو پيو.

هڪ پروليءَ آن، هڪڙيءَ ٿي پرولي رهنديءَ تون،
اُلجهن جي وچ ۾ هو موڪي ٻهاري ٿو پيو.

ڇا سلڙ کان بهتر آ شبنم الڙ يا ڪ سلڙ،
هو ڪجهه اهڙن ئي سوالن کي اُٿاري ٿو پيو.

زخم دل کي ڪڙهيو تا ڇا لاءِ؟
لوڻ ٻرڪي ڪرايو تا ڇا لاءِ؟

پيار ڏيکاري، منهن ڇڏيو ڦيري،
پيار ڪوڙو جتايو تا ڇا لاءِ؟

نہ ستايون - جهڪايون تا ڪنهن کي،
ڪنهنکي ناحق ستايو تا ڇا لاءِ؟

ڇهدڙيون پائي مت منجهايو تا،
هيءَ شرارت ڇپايو تا ڇا لاءِ؟

نہ نمائش ڪپي، نہ نالو ئي،
پو ٻڌيورو گهمايو تا ڇا لاءِ؟

سونهن ۽ پيار سان نہ سعيد کو،
مون اڳيان مسڪرايو تا ڇا لاءِ؟

تنهنجن خطن جا ٿي ويا ڌنڌلا اکر هينئر،
خوشبو مگر خطن منجهان گهٽجي وئي نه آ.

تنهنجيءَ گهٽيءَ منجهان مان لنگهيس سال ٿي ويا،
پر يادگيري دل منجهان مٽجي وئي نه آ.

پاڙي منجهان وئين ته وڏي فاصلا ويا،
تو ساڻ دل جي تار ته ڪٽجي وئي نه آ.

خط جو جواب ڪونه ته ڀي روز مان لکانءِ،
عادت پراڻي آهه، سا مٽجي وئي نه آ.

سپنن ۾ توسان روز ٿو، پرچڻ رسڻ ٿئي،
توسان ملڻ جي راهه ته لٽجي وئي نه آ.

ڪنهن سان ڪجي گلا؟ آ دغا دوست جو ڪئي،
دل دشمن جي وار کان ڦٽجي وئي نه آ.

هر چيز هن جي گهر ۾ تي ڏسجي گهٽيل گهٽيل،
موڳو ملول ڏسجي ٿو، هرڪو منجهيل منجهيل.

رڪجي ويو آ وقت اٿس پير جڙ ٻڌل،
مجبور آ حياتي، هن جي رڪيل رڪيل.

هر شخصيت مشيني، ٻڌل جي دٻاءُ سان،
روبٽ مثال آدمي آهي نهيل جڙيل.

خاموش، چشم تر ۽ ڦڪي مرڪ منهن مٿان،
مايوس ۽ مثل هي فضائون ڪريل-ڪريل.

بندش رئڻ تي آهه، کلڻ تي به پابندي،
ديوارون دردمند وجود آ ڏڪيل-ڏڪيل.

”شبنم“ دکن جي دانهن به ڪنهن کي وڃي ڏجي.
ڏسجي ٿو جو به، آهه اڳيئي ڏکيل ڦٽيل.

جيڪڏهن عرش ڏي پرواز ڪري،
ڪانو ڪبريون نه، شهباز ڪري.

نيون ڳالهيون، نئون آواز ڪري،
ڪو نئون اعجاز يا اعزاز ڪري.

زنده گهٽيئي، نه مگر زنده دل،
موڳو مردو نه، ڪو جانباز ڪري.

پنهنجي منزل تي پڄي سگهنداسين،
پر اثردار ڪو اعجاز ڪري.

سور هرڪو ئي ونڊڻ چاهي تو،
دل ونڊڻ وارو ڪو همراز ڪري.

ڪوئي پنهنجي دل لئي چونه چڏي،
خوبصورت ڪوئي انداز ڪري.

ڇو نہ ڪو پنھنجا سور سلي،
پر ٽو ڪو همراز ڪبي.

ڪو پنھنجي دل ڇو نہ لٽي،
دلڪش ڪو انداز ڪبي.

منزل ٿي پھچي سگھبو،
ان لاءِ ڪو آغاز ڪبي.

دل جي تارن کي ڇيڙي،
سوز پريو ڪو ساز ڪبي.

جيئي پيو ٿو هر ڪوئي،
جيون تي پر ناز ڪبي.

پيڙ ۾ تنها رهڻ ايندو اٿم،
فرش تي ويهي اُٿڻ ايندو اٿم.

ڪو، نه ٿو سمجهي سگهي ڪوئي منکي،
چپ ۽ چپ تنهن تي رهڻ ايندو اٿم.

تير طعنن جا ڀلي مونکي ڀلي لڳن،
نــار زخمن تـــي رکـــڻ ايندو اٿم.

پيار کي سمجهو آ ڪنهن به ڪڏهن،
ان اڪر تـي ڀـــي مـرڻ ايندو اٿم.

ڀل ته شبنم کـــي ستائيندا رهـــن،
پنهنجي حق لاءِ پـر لڙڻ ايندو اٿم.

رباعيون

زنده تون هنئر آنهن يا اڳه، ڪنهن آکيو،
هي فرق اي انسان ڪٿان تو ۾ ٿيو،
اڳه توکي ڇهڙ سان ٻه نه ٿيندو هو ڇهاءُ،
سنگمرمر جو بت ڪٿن هڏ ماس ٿي پيو؟

آنسون ڇو اکين ۾ ڇا اٿي من نه سکيو،
ڪنهن درد سندو دونهون وري آه دکيو،
ڇا لاءِ ليڙ پيڙ، رنڙ ۽ ريهون،
روحاني مزي لاءِ ڇا اٿي روح بکيو.

گل اگربتي ڇو ڪٽي ويٺي آهين،
ڪنهن وهم ۾ پيهر پٽي دوکو کائين،
شبنم وري ڇا لاءِ عبادت آهي،
ڪنهن ۾ تون دنيا نئين پيٽي چاهين؟

ماڻهو ٿا منهنجو نانءُ پڇن موٽڪان هر گهڙيءَ ،
دل تان لهي ويم ، هي لڪائڻ ڪٿان ٿيو ؟

محفل تي هاڪي مرڪ چپن تي مڙهي رکڻ ،
تنها رهڻ هي درد ڀلائڻ ڪٿان ٿيو ؟

دل ۾ هزار زخم ڪُڙن ۽ جهرن پيا ،
ٻاهر نه ڪو ڪرونڊ چٽائڻ ڪٿان ٿيو ؟

محفل ۾ آئين ، ويٺين اچي ڀر ۾ ٻوءِ ڀي ،
موقعو ملڻ جو ڀيڙ ۾ پائڻ ڪٿان ٿيو ؟

منهن سان نه ٻاڦجي رڳو اندر ۾ ڪامجي ،
چؤ تون ڀلا ، هي صبر ڪمائڻ ڪٿان ٿيو ؟

تاڙين جي ٿڙي تي گونج ، اکيم ۾ اٿم سوال ،
آڀو وڌيو ، نه قدر وڌائڻ ڪٿان ٿيو ؟

زندگيءَ کي آزمائيندا رهياسين،
غم جا گيت ٻه گنگنائيندا رهياسين.

هن جي هر چوٽ مبهم ۽ نازڪ،
سمجهي، سهي مسڪرائيندا رهياسين.

جيڪي ٻه زندگيءَ ڏنو آزمودو،
ڪوڙي کي مٺڙو بڻائيندا رهياسين.

جت دل چيو، ضمير مڃيو،
سجدي ۾ سر کي جهڪائيندا هلياسين.

ڪجهه اهڙو ائين ٿيو شخصيت جو ”شبنم“
دوست دشمن کي ياد ڪرائيندا رهياسين.

ڏسي گل کي جي آءُ، گل تي پوان،
مگر اهڙي خوشبوءِ مان آڻيان ڪٿان؟

غمن کان ڇٽي، موج ۾ ڪي مگن،
مگر اهڙي قسمت مان پايان ڪٿان؟

اجهي ان ڪچڙي تي هرهڪ جو حق،
اهي قول ساٿي مان پاڙيان ڪٿان؟

انڌيرو ويڙهي ويو سنسار کي،
امر جوتي آخر مان آڻيان ڪٿان؟

نه ڪو سوچ ٻرندڙ مسئلن مٿان،
مگر سوچ اهڙا مان تاريان ڪٿان؟

ٽڙيو گل تي، نيڻن ۾ شبنم هئس،
مگر اهڙي فطرت مان آڻيان ڪٿان؟

پايل

قدرت مون ڀاتا، هنس لنڊڙي ٻار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

پايل مون تمام گهڻو ڀانئي،
دٻيل امنگن جو اظهار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

وڻن جو جهومڻ، پنن جو کڙڪڻ،
مڌر سنگيت جو آبشار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

نديءَ جو وهڻ، جهرڻن جي جهرمر،
آهي مالڪ وٽان انوکو اپهار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

لئه، تال، خاموش، مدهوشي،
پر هوليءَ جي پچڪار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

گلن جو مهڪڻ، پکين جو چهڪڻ،
اچي هير منجهان هبڪار،
ڇم ڇم پايل جي جهنڪار.

چنري هوا ۾ اِي سکي اُڏري رهي آ اڄ،
منهنجي هٿن مان دل ٻه ڇيو، نڪري رهي آ اڄ.

ڇوڙين ڇڻل مان گيت پريت جا ٻيا وڄن،
دل ڪنهن انوکي حال مان گذري رهي آ اڄ.

ڇت ڇور ڪوئي چاهه، ڪي جهڪائي تو ضرور،
بندي چمڪ چمڪ ڪري چمڪي رهي آ اڄ.

نيڻن ۾ ڪو نشو آ ڇڻن ٿي ٻه موڪ آ،
پايل رڻڪ جهڻڪ ڪري ڇمڪي رهي آ اڄ.

آگر ڪي منهنجي موڙي، هٿ کي هڻ ڇهي ويو،
دل منهنجي ٻيا گهري ٿي، ڇو ترڪي رهي آ اڄ.

مرڪي ڏنائين، ڪنڌ مون ڦيري ڇڏيو مگر،
”شبنم“ اُنهيءَ اُي درد ۾ ڦٿڪي رهي آ اڄ.

پنھنجائپ ۽ پيار ڏنو ڪنھن دل ڀرجي آئي،
دل ئي سمجھي پريم سدا پيو ٻرسائي ڪو شخص.

ڪنھنجي شخصيت ۾ ٿئي شامل منھنجي ئي شخصيت،
من ڪي اهڙي مارڳ تي پھچائي ٿو ڪو شخص.

هاڻي زنده ٿيو آهيان يا زنده هوس اڳي،
دل ۾ اهڙا سوال پيو ٿو جاڳائي ڪو شخص.

هن جو ڪير پتو پائيندو گم ٿي ويندو پاڻ،
پاڻ پسائي، پاڻ لڪائي، پيلائي ڪو شخص.

الائي ڇا ٿا چاهين

دنيا وارا ڇهنديون پائين الائي ڇا ٿا چاهين.

تکن نڪهن سان رهنديون پائي - من جون مٽيون منجهائي،
الائي ڇا ٿا چاهين.

مندر مسجد کان ٻه پويتر - پوء ٻه دل کي ڏاهين،
الائي ڇا ٿا چاهين.

ڪيڏو اڳ ئي بوجهه هنئين تي - ويتر بوجهه وڌائين،
الائي ڇا ٿا چاهين.

دل دماغ ٻه مونجهاري ۾ - ڌمڪين سان ڏهلائين،
الائي ڇا ٿا چاهين.

ٿڪل مسافر کي پيڪلائي - اُلٽي وات ٻتائين،
الائي ڇا ٿا چاهين.

3:30 p.m. – 4:00 p.m.	TEA
8:45 p.m. – 9:30 p.m.	DINNER

We request you to please adhere to the timings.

IMPORTANT NUMBERS

Sadhu Vaswani Gurukul	020-26120315
Sadhu Vaswani Mission	020-40064447-8
Mr. Rajesh Aidasani	9850992510
Mr. Mahesh Aidasani	9225503621
Mr. Hari Moorjani	9822600767
Mr. Moti Milani	9822077776
Mrs. Sonu Dudani	9850657330
Miss Ishu Gajwani	9890099537

گيت پيار جا گهائل ٿي پيا، گهٽ ۾ گولي ڪين لڳي،
تن زخمي زلفن گيتن ڪي، سرچائڻ وينئي آهيان.

گهمنڊ ڦونڊڙ جيئڻ مائڻ لاءِ نہ ڪو جذبو آ،
پر بيجان سماڌين، پٿر پرچائڻ وينئي آهيان.

جڳ ۾ ڪن لاءِ سانده فاقا ويلو ويلو ۾ مشڪل آ،
شراڌ بلي ڪن پيئوڙين ڪي، ڪارائڻ وينئي آهيان.

ڪڙ ڪڙ ڳگن مان اڄ ٿي وير ورود جي آڳ وسي،
جلندڙ جڳ تي امرت ورکا، برسائڻ وينئي آهيان.

عمر ذري گهٽ پوري ٿي وئي، منزل مقصد ۾ وسري ويا،
"شبنم" غلطيون ڳڻي ڳڻي اڄ پڇتائڻ وينئي آهيان.

تنهنجي فرقت ۾ مان سمجهان خدا ويجهو آ،
تنهنجي قربت ۾ ٻه جلوو پرينءَ جو هوندو.

آه، هر جاءِ سندس نُور ته خطرو ڇا جو؟
وڃبو دوزغ ۾ ته پڪ ان جوئي جلوو هوندو.

ٻار معصوم ۾ ڀڳوان جي مورت تا چون،
هو جوانيءَ ۽ بزرگيءَ جو ٻه چمڪو هوندو.

رس ڦلن منجهه سندس، سونهن گلن ۾ ٻه سندس،
ته ڪرڙ ڪنڊ ٻير ۾ ڇا ڪوئي ٻيو هوندو؟

گيت پيار جا گھائل ٿي پيا، گھٽ ۾ گولي ڪين لڳي،
تن زخمي رڳن گيتن ڪي، سرچائڻ ويٺي آهيان.

گھمنڊ ڦرندڙ جيڏن ماڻهن لاءِ نه ڪو جذبو آ،
پر بيجان سماڌيون، پٿر پرچائڻ ويٺي آهيان.

جڳ ۾ ڪن لاءِ سانڌهه فاقا ويلو ويلو به مشڪل آ،
شراڌ بلي ڪن پيئوڙين کي، کارائڻ ويٺي آهيان.

ڪڙ ڪڙ ڏگن مان اڄ ٿي وير وروڌ جي آگ وسي،
جلندڙ جڳ تي امرت ورکا، برسائڻ ويٺي آهيان.

عمر ذري گھٽ پوري ٿي وئي، منزل مقصد به وسري ويا،
"شبنم" غلطيون ڳڻي ڳڻي اڄ پڇتائڻ ويٺي آهيان.

آدرشي ڏاهن ۾ ڏاٺل، اُف اڄ آهه سماج،
ٺانءُ ڏونءُ پاکنڊ پريا سڀ پنهنجا رسم رواج،
ان مان نڪري ويو وشواس بند ڪريو پاکنڊ پري بڪواس.

آهه مسئلو اڄ ڪيئن جيئرو عزت سان رهجي،
روز مڙه جي مصيبت سان ڪيئن سدا لڙجي،
اونداهو من جو آڪاس بند ڪريو بڇڙي بڪواس.

بڪ جا دکه ۽ بس ۾ ٿابا، نيڻن نعبد حرام،
بيهودا ماٺهو تن جا بيهودا الزام،
خطا سڀ جا ٿيا حواص بند ڪريو بڇڙي بڪواس.

بد اڇڻن ۽ بي شرمن جي وڇم ڪيئن رهجي،
سنبير شود سعدرم جو هت خواب ۾ ڪيئن لهجي،
سامهون ساپيا جو راڪاس بعد ڪريو بڇڙي بڪواس.

گيت

ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن،
ڏن وارن جي چوڌاري پيو برسي ڏن جو مينهن.

راند روند جتي ٻالڪن تان، ات ٿڪن جو مينهن،
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن.

جت نوٽن جون ٿيلهيون آهن، اُت ووٽن جو مينهن،
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن.

ناٽي سان ٿو نينهن وڪامي، سونهن سمن جو مينهن،
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن.

درد ڪيو جنهن دل ۾ ڏيرو، اُت دردن جو مينهن،
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙن جو مينهن.

سانتيڪي ماڻهن تي، گولين، بمگولن جو مينهن،
ڇم ڇم مينهن پوي ٿو، وڏ ڦڙي جو مينهن.

درد جو ٿن اٿم، پوءِ ڇا ڄاڻ ڇا لاءِ رڪان؟
زندگيءَ جـــو مـزو ڇو نہ ماڻي وٺان؟

ڪنھن جا آنسون اُگھان، ڪا دل ڳنڍيان،
غم پرائي کان پنھنجو ڪري مان ڇڏيان.

ھڪ سڪي جا بہ پاسا جمڻ ۽ مرڻ،
مؤسم پنھنجي کان ڇا واسطي مان ڏران؟

ھونءَ تہ سگھڻ ۽ مچڻ جان وڃبو مري،
پنھنجو دشمن ڏسي، ڇونہ حق لاءِ لڙان.

سچ جـي راھ تـلـوار جـــي ڌار آ،
ڪنھن تي ھلندي پلا ڇو ڳھان ۽ ڳران؟

پنھنجي قسمت جو ڦل ھرڪو "شبنم" وٺي،
ڪاميابي بين جي ڏسي مان ڇو سڙان؟

قطعا

ڪندي ٿي رهين ڇو ته ڪنهن سان رهاڻي،
تو ڇيڙي ڇڏي آ غمن جي ڪهاڻي.
اڄي ڪو نه ڪنهن سان به چلندي هئين ٿون،
قلم ڪي ڏنئه ڪنهن رواني سهاڻي؟

جنهن لاءِ ڪيو تو صدين کان آ انتظار،
اُن کي رهيو نه تنهنجي وفا تي ڪو اعتبار،
هاڻي اکين ۾ اشڪ بدن زرد آه سرد،
دوکي کان پئي مران، دل تي نه اختيار.

پکيڙا جي آيا ٽعدا جهنڊ ناهي ،
چون ٽس اسان سان بہ هولي منائي .

ڪندا ناچ هو رنگين مور آيا ،
اڙي! او اکيون ننڊ جا چور آيا .

هوائن جا جهوٽا وڻن کي ڇهن جيئن ،
لڏن وڻ، لڏي ليہ ۾ تانون هڻن تيئن .

مڌر گيت پيار، ندي گنگنائي ،
ٽي چوڙين کي چمڪائي دل ليائي .

اجالي جا پازيب چمڪائي بجلي ،
کلي مينهن جون بوندون چمڪائي بجلي.

گگن ۾ وري خوب بدلائي بادل ،
ڇڪي روح کي ڪيئن نہ ريجهائي بادل.

گذاريان جي، پرڪت جي گود ۾ مان ،
سقل ٽي حياتي، اچان بود ۾ مان .

تون به چپ، مان بہ چپ چپ،
دل سان دل ڳالهائي گپ چپ،
الائي ڇو؟

ٻنهي ڳالهائڻ لاءِ آتا،
تہ به وچم چپ چپ جا ناتا،
الائي ڇو؟

تون به تنها، مان بہ تنها،
پيرَ پياڪ ۾ ڏکڻون پيا،
الائي ڇو؟

تون به ڏکويل، مان بہ ڏکويل،
پوءِ به ٿهڪ ڏيون پيا پل - پل،
الائي ڇو؟

اکڙين ۾ ڪجهہ لڙڪ سدائي،
مگر چپن تي مرڪ سدائي،
الائي ڇو؟

تون به سوال ۽ مان به سوال،
پر نہ جواب ڏيڻ جو خيال،
الائي ڇو؟

ڇڱو ڪي تو مون مؤر نہ سمجهو،
دنياداري سڏي تہ بہ هرڪو،
الائي ڇو؟

ويا ميت وڇڙي سگهيا ڪونه وسري،
سندس ياد ۾ ئي رهڻ زندگي آ.

پلي درد جو ڏونهون دل ۾ دکي پر،
نه شڪوو ڪرڻ چپ رهڻ بندگي آ.

پتو نانءُ اُن جو پڇن ٿا سڀئي،
سلڻ جو مٿر راز شرمندگي آ.

اگر ۾ ٻه هئو، آتما ۾ ٻه هو آ،
سوچڻ ۽ سمجهڻ، ڇوڻ دل لڳي آ.

رهي تات ۽ ٻاجه جنهنجي صدين کان،
ڳجهارت نه ڪوارڻ ٿي سنجيدگي آ.

ڪو همراز، همدرد، همدم اچي ٿئي،
وٺي منهنجي دل کي دلاسو اچي ڏئي.

ڏئي مونکي آٿت روئي رات پيئي،
گلن تي نه شبنم، آنسون وهائي سا ويئي.

جهڪي چنڊ جي جوت ٿي مونکي ڏسندي،
دکي ڇو ڪيان پاڻ سان ائين سين کي.

اڇن ۽ وچن لهرون هڪ ٻئي جي پويان،
نهاريان ڇو بيسود هيئن وئي جي پويان.

وڻن جي پنن جو هي آواز نازڪ،
وڄائي ٿي پرڪرت ڄڻ ساز نازڪ.

جبل، وڻ، نديون منهنجا همراز آهن،
سدا حال پائي ۽ دمساز آهن.

ٻاھين کن کي، کن کي پيا ٿا ناھين،
دنيا جا راجنيتڪ، کن اھو جو ٿا چاھين.

ڪوئل کي پڪڙي ھو ٿا ڪان ڪان ڪرڻ سيکارين،
سڄو ڪانو جو منو آ، ھن کي ٿــا سمجھائين.

جھنگل جو راجا گدڙ، آ شينھن کي ائين ھيسائين،
مور جو نچڻ نہ پيارو، ٻڪريءَ کي ٿا چيڙ پائين.

جذباتي، پريم پياسا، ٻٽيا تماشا، تن کي ڏڪائين،
مطلبي فسادي فريبي، اٽاسا تن کي ٿا ھمٿائين.

خلوت ۾، فقيرن جيان، ھر بشر جو خير چاھين،
"شبنم" اُن کي پڪڙي، ھر ھر پيا ٿا گھائين.